اِنَّمَا اللّٰهُ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ (النساء- ١٧١)

# توحيد

ڪراچي

وحده لاشريڪ له اهو وهائج وِيُ (شاهه)

سنڌ ۾ توحيد جي دعوت لاءِ فڪر ۽ عمل جون نيون راهون روشن ڪندڙ ماهوار ڪتابي سلسلو_16

سرپرست اعليٰ: مفسر قرآن

حڪيم الاسلام مفتي عبدالوهاب چاچڙ

**سرپرست**

پروفيسر سيد عباد الله راشدي

**چيف ايڊيٽر**

محمد سليمان طاهر انڊڙ

**ايڊيٽر**

نور احمد ميمڻ

**مشاورتي بورڊ**

مفتي محمد صادق سومرو

عبدالستار عباسي

محمد انس راڄپر

محمد رفيق پرڳڙي

نديم احمد سولنگي

جمادالاول/جمادالثانی ١٤٣٢هه مطابق اپريل/مئی 2011ع


## فهرست


| | | |
|---|---|---|
| حڪمت قرآن | ادارو | 2 |
| حڪمت رسول صلي الله عليہ وسلم | ادارو | 3 |
| اسماءُ الحسنيٰ | حضرت پير روضي ڌڻي | 4 |
| تعليمات شاهه ولي الله رحمة الله عليہ | ادارو | 5 |
| پاڪستان جي ناڪامي جا سبب | چيف ايڊيٽر | 6 |
| مقصد بعثت نبي امي ﷺ | مولانا محمد انس راڄپر | 10 |
| شاهه لطيف جو فلسفہِ الاهيات | مولانا غلام مصطفي قاسمي | 17 |
| اسلام ڇا آهي؟ | احمد الدين شر بلوچ | 20 |
| توحيد جو پيغام | مولانا عبداللطيف نانگراج | 24 |
| پيغمبر اسلام ﷺ جو انسانيت لاءِ پيغام | عبدالسلام قل | 26 |
| قرآني مشن جي تڪميل | نور احمد ميمڻ | 27 |
| مولانا عبيدالله سنڌي جو امروٽ ۾ قيام | ثناءَ الله سومرو | 29 |



**سرڪيوليشن ۽ مواد لاءِ رابطي جي ايڊريس**

**حڪمت قرآن انسٽيٽيوٽ،**

6 سنڌي جماعت ڪو آپريٽو سوسائٽي، جوڳي موڙ بس اسٽاپ، نيشنل هاءِ وي

ڪراچي 75030 فون: 35000278-021 موبائل: 03002707097

Website: www.hikmatequran.org — email: hikmatequran@gmail.com


الله تعاليٰ جي توحيد ۽ معرفت ۽ سنت رسول صلي الله عليہ وسلم جو پيغام پنهنجي چوڌاري انسانن تائين پهچائڻ جي لاءِ ماهوار توحيد جا 100 پرچا 500 روپين جي وي پي سان گهرائي دعوتي مشن ۾ شامل ٿيو.



# حڪمتِ قرآن

قُلۡ اِنَّ الۡهُدٰی هُدَی اللّٰهِ ۙ ﴿آل عمران: ٧٣﴾

”(اي پيغمبر!) چئو تہ هدايت اها آهي جيڪا الله تعاليٰ جي طرفان نازل ٿي آهي ۽ اها هدايت جنهن کي الله نصيب ڪري.“

هڪ اهڙو گروهہ جنهن کي هدايت ڏني وڃي ۽ ان گروهہ ۾ لاڳيتو نبي، رسول ۽ صالح ٻانها ايندا رهن ۽ گهڻو عرصو دين جو رواج هلندو رهي، تہ پوءِ انهن ماڻهن ۾ اها غلط فهمي جنم وٺندي آهي تہ اهو گروهہ ۽ حق، اهي ٻہ شيون هڪ آهن. اهي هدايت کي گروهي سمجهندا آهن، نہ ڪ اصولي. يهودين جو معاملو بہ ان طرح هيو تہ هو تاريخي روايتن جي اثر هيٺ سمجهڻ لڳا تہ جيڪو اسان جي گروهہ ۾ شامل آهي، فقط اهو ئي هدايت تي آهي ۽ جيڪو اسان جي گروهہ کان ٻاهر آهي، اهو هدايت کان خالي آهي. جيڪي ماڻهو حق ۽ سچ کي ان طرح گروهي سمجهندا آهن، اهي پنهنجي گروهہ کان ٻاهر ڪنهن بہ صداقت کي مڃڻ لاءِ تيار نہ ٿيندا آهن. اهي دين جو نالو وٺندا آهن، مگر انهن جو دين گروهہ بندي سان جڪڙيل هوندو آهي نہ ڪ خدا پرستي سان مربوط. انهن جي اکين تي اهڙو پردو لڳل هوندو آهي، جو پنهنجي گروهہ کان ٻاهر فضيلت ۽ ڪمال هنن کي بنهہ ڏسڻ ۾ ئي نہ ايندو آهي. هو پنهنجي حلقي کان ٻاهر سچ جي ڪنهن آواز جي اهڙي مخالفت ڪندا آهن، ڄڻ تہ ڪنهن گمراهي جي خلاف هجن. بي بنياد ڳالهيون ڪري ماڻهن ۾ حق لاءِ شبها پيدا ڪندا رهندا آهن. حضرت خاتم الانبياء ﷺ جن جي آمد تي يهودين ان گروهہ بندي جو مظاهرو ڪيو ۽ هدايت کي پنهن جي گروهہ لاءِ مخصوص ڪري ڇڏيو. ڪنهن بہ گروهہ جي زوال جون اهي نشانيون هونديون آهن جو دين کي گروهہ بندي ۾ بند ڪري ڇڏي. ڇا مسلمان هن وقت اهڙين گروهہ بندين جو شڪار نہ بڻجي ويا آهن؟ ۽ هو حق جي تابعداري ڪرڻ جي بجاءِ گروهن ۾ نہ ڦاسي چڪا آهن؟ ۽ انهن گروهي عملن کي ترجيح نٿا ڏين؟ اهو تقليدي عمل قرآن مجيد جي بنيادي تعليم جي سراسر ابتڙ آهي. فرمايو ويو تہ هدايت فقط اها آهي، جيڪا الله طرفان آيل آهي. گروهہ بندي جي عصبيت ۽ انانيت ۾ اوهان هدايت حاصل نٿا ڪري سگهو!

هيءَ حقيت بہ ڌيان ۾ رهڻ گهرجي تہ الله تعاليٰ جي طرفان جيڪا هدايت حضرت رسول ڪريم ﷺ جن جي طرف پهتي ۽ جنهن هدايت جو نمونو پاڻ ڪريم ﷺ جن عملي طرح امت کي ڪري ڏيکاريو، اها شيءِ ئي هدايت آهي. ان کي ئي دين سمجهڻ گهرجي. ان کان سواءِ ٻي هر شيءِ بدعت ۽ گمراهي آهي ۽ دين ۾ واڌارو آهي. اڄ جي دور ۾ مسلمانن ۾ سوين اهڙا ڪم ايجاد ڪيا ويا آهن، اهڙيون رسمون ۽ رواج گهڙي دين ۾ داخل ڪيا ويا آهن ۽ انهن شين کي نيڪي ۽ ثواب سمجهيو وڃي ٿو، جيڪو حقيقت ۾ ضلالت ۽ گمراهي آهي، جيڪا آخرت ۾ اجر جي بجاءِ عذاب جو سبب بڻجي ويندي.

## حڪمتِ رسول ﷺ

عَنْ عبد الله بن مسعود اَنْ رَّسُوْلَ اللهِ صَلَى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَمْ قَالَ، مَا مِنْ نَبِيٍّ بَعَثَهُ اللهُ تَعَالَىٰ فِيْ اُمَةٍ قَبْلِيْ اِلَّا كَانَ لَهُ مِنْ اُمَّتِهٖ حَوَّارِيُوْنَ وَاَصْحَابٌ يَأْخُذُوْنَ بِسُنَّتِهٖ وَيَقْتَدُوْنَ بِاَمْرِهٖ ثُمَّ اِنَّهَا تَخْلُفُ مِنْ بَعْدِ هِمْ خَلْفٌ يَقُوْلُوْنَ مَالَا يَفْعَلُوْنَ. وَيَفْعَلُوْنَ مَا لَا تُوْمِرُوْنَ فَمَنْ جَاهَدَهُمْ بِيَدِهٖ فَهُوَ مُؤمِنٌ وَمَنْ جَاهَدَهُمْ بِلِسَانِهٖ فَهُوَ مُؤمِنٌ وَمَنْ جَاهَدَهُمْ بِقَلْبِهٖ فَهُوَ مُؤمِنٌ وَلَيْسَ وَرَاءَ ذَالِكَ مِنَ الْاِيْمَانِ حَبَّةُ خَرْدَلٍ ﴿رواه مسلم﴾

حضرت ابن مسعود رضي الله عنه عنہ کان روايت آهي تہ فرمايو رسول الله ﷺ جن: ”الله تعاليٰ مون کان اڳ جنهن بہ نبي کي پنهنجي امت ۾ موڪليو تہ ان جي امت مان ڪي اهڙا صالح ٻانها مددگار جي حيثيت ۾ پيدا ٿيندا رهيا جيڪي ان پيغمبر جي طريقي تي هلندا رهيا ۽ ان جي حڪمن جي پيروي ڪندا رهيا. مگر وقت گذرڻ کان پوءِ انهن جي اولاد ۾ اهڙا نالائق ماڻهو جانشين بڻيا، جن جي حالت اها هوندي هئي جو جيڪا ڳالهہ ٻين کي چوندا هئا، اها پاڻ نہ ڪندا هئا. وري اهي عمل ڪندا هئا، جن جو حڪم انهن کي نہ ڏنو ويو هو. يعني ماڻهن کي خدا جي عبادت ۽ تابعداري جو سبق ڏيندا هئا ۽ پاڻ وري نافرماني ۽ گناهن ۾ ٻڏل رهندا هئا. مگر زندگي ۾ بدعتون ۽ رواج قائم ڪرڻ جو حڪم صالح انسانن انهن کي نہ ڏنو هو. اهڙن بدڪار ۽ منافقن جي خلاف تلوار سان جهاد ڪرڻ، زبان سان جهاد ڪرڻ ۽ دل ۾ نفرت ڪرڻ وارو شخص مؤمن ليکيو ويندو. جيڪڏهن دل سان نفرت ڪري انهن کان بيزار نہ ٿيو تہ اهڙي شخص ۾ سرنهن جي داڻي جيترو بہ ايمان نہ رهندو.“

بزرگن ۽ نيڪ شخصن جي اولاد جيڪڏهن بد عملي ۽ بد ڪرداري ۾ مبتلا ٿي وڃي تہ ان سان امت ۾ وڏيڪ بگاڙ ۽ فساد پيدا ٿيندو آهي، ڇو تہ انهن کي مقتدا بڻايو ويندو آهي ۽ روحاني رهبر چيو ويندو آهي. انهن جي بد عملن جي بہ قوم تقليد ڪندي آهي. ان ڪري حضرت پيغمر عليہ السلام جن اهڙن نالائقن ۽ بدڪار پيشوائن جي خلاف ڪلي طرح جهاد ڪرڻ جو حڪم فرمايو آهي. ٿي سگهي تہ انهن سان ويڙهہ ڪريو، نہ تہ زبان ۽ قلم سان انهن جي خلاف آواز بلند ڪريو. آخري صورت اها آهي تہ دل سان ڪائنن نفرت ڪريو، انهن کان پري رهو، انهن جي مجلسن ۾ شريڪ نہ ٿيو، تان تہ امت ۾ اهڙا شخص نفرت جو نشان بڻجي وڃن. هن دور ۾ مختلف ملڪن ۾ خاص طرح نندي ڪنڌ ۾ بزرگن ۽ صالح شخصيتن جا اهڙا سجاده نشين بڻجي ويا آهن، جيڪي فرمان رسول ﷺ مطابق بدعمليءَ ۾ لاهي پائي بيٺا آهن. انهن جي خلاف امت کي جهاد ڪرڻ گهرجي ۽ انهن کي ڪنهن بہ صورت ۾ احترام ۽ عزت نہ ڏيڻ گهرجي. پر هن وقت اها صورتحال آهي تہ اهڙن جاهلن ۽ بدڪار شخصن کي پير طريقت، صاحبزادو، پيرزادو ۽ سجاده نشين سڏيو وڃي ٿو. انهن کي بزرگن واري حيثيت ۽ عزت ڏني وڃي ٿي. انهن جي فرمانبرداري ۽ تابعداري ڪئي وڃي ٿي. ان کان سواءِ انهن کي نذرون، نياز، تحفا، هديا ۽ ماهوار پتا پهچايا وڃن ٿا، جنهن سبب اهڙا مرڪز هدايت ۽ روحانيت جا نہ بلڪ ڪاروباري اڏا بڻجي ويا آهن.



## اسماءُ الله الحسنيٰ[1]: حضرت روضي ڌڻي رحمة الله عليه

### الوهاب

الوهاب: الله تعاليٰ جو هڪ اسم ”وهاب“ بہ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي بيحد بخشيندڙ ۽ هميشہ بخشيندڙ. ڇو تہ سندس بخشش جي ڪا حد ۽ حساب نہ آهي ۽ نہ ئي سندس فيض جو سلسلو ڪٿي يا ٿٽي ٿو. حقيقي بخشش ۽ سخاوت تہ اها آهي جيڪا نہ ڪنهن مطلب لاءِ هجي، نہ وري ان جي بدلي ۾ ڪنهن عيوضي جي اميد رکجي. ڇو تہ جڏهن ڏيندڙ پنهنجي ڏنل شيءِ جو عيوضو وٺي، تہ اهو واپاري چئبو نہ وري ”واهب“ (عطا ڪندڙ). ”واهب“ ۽ ”جواد“ ٻنهي جي معنيٰ ساڳي آهي. سخاوت ۽ بخشش جا لفظ حقيقت ۾ الله تعاليٰ کان سواءِ ٻئي ڪنهن لاءِ استعمال ڪرڻ مناسب نہ آهن. ڇا لاءِ جو هو محتاج کي بنا ڪنهن غرض ۽ عيوض جي محض ٻانهي جي ڀلائي خاطر مٿس بخشش ۽ عطا فرمائي ٿو.

**تعلق:** هن اسم سان تعلق (نسبت جوڙڻ) قائم ڪرڻ جي واٽ هيءَ آهي، تہ ٻانهي کي جڏهن اهو معلوم آهي، تہ حقيقي ڏيڻ وارو اهو ئي آهي تہ سڀ ڪجهہ ان کان ئي گهري ۽ ان ۾ ئي اميد رکي. ڪنهن ٻئي ۾ نہ ڪا لالچ رکي ۽ نہ ڪا اميد ۽ آسرو، بلڪ ڪنهن ڏانهن نهاري ئي نہ. پنهنجي هر خواهش، پوءِ اها ڪٽي ڪيتري بہ مشڪل ۽ محال ڇو نہ هجي، ان ذات کان گهرڻ ۾ ڪيس شرمائڻ نہ کپي.

**تخلق:** هن اسم شريف سان تخلق (صفت اپنائڻ) جي واٽ هيءَ آهي، تہ جيڪڏهن ڪا شيءِ سندس هٿ ۾ آهي، پوءِ ڪٽي اها سندس جان ئي ڇو نہ هجي، تہ بغير ڪنهن لالچ جي دنيا توڙي آخرت جي ڪنهن اجر جي اميد کان سواءِ رب جي راهہ ۾ قربان ڪري ڏيڪاري. جيتوڻيڪ اهڙي بخشش ۽ سخا جي اميد هر انسان مان رکڻ امڪان کان ٻاهر آهي، ڇو تہ ٻانهو جيڪو بہ ڪم ڪندو آهي، اهو ان ڪري ڪندو آهي، تہ هو ان ڪم ۾ بهتري سمجهندو آهي ۽ نہ ڪرڻ ۾ نقصان ۽ ان سان گڏ ان ڪم ۾ سندس ڪانہ ڪا غرض بہ هوندي آهي، جيڪڏهن نہ تہ ماڻهو ڪنهن ڪم ڏانهن ڌيان ئي نہ ڌريندو آهي. بخشش ۽ عطا ڪرڻ ۾ سيني انسانن ۾ ڪامل ترين حضور سيد المرسلين ﷺ جن جي ذات اقدس آهي.

**تعبد:** عبد الوهاب، يعني وهاب جو ٻانهو اهو شخص آهي، جنهن تي الله تعاليٰ پنهنجي اسم ”الجواد“ سان تجلي فرمائي هجي. جنهن سان هو ائين بخشش ڪندو، جيئن بخشش جو حق آهي. يعني بغير ڪنهن غرض ۽ عيوض جي، اهو محتاجن جي الله تعاليٰ جي ڏني مان مدد پيو ڪندو. ڇو تہ هو الله تعاليٰ جي سخا جو واسطو بہ آهي ۽ الله تعاليٰ جي صفت ”الوهاب“ جو مظهر بہ.

# تعليماتِ شاهه ولي الله رحمة الله عليه

جڏهن روم ۽ فارس جا ماڻهو هڪ ڊگهي عرصي کان زمين تي بادشاهي ڪندا رهيا ۽ انهن پنهنجي انجام کي وساري، دنيا جي لذتن ۽ عياشين ۾ مست ٿي ويا ته پوءِ شيطان انهن تي غالب پئجي ويو. ان دور ۾ هنن زندگيءَ جي رهڻي ڪهڻي ۽ ذاتي هلت چلت ۾ ذاتي مفادن کي سميٽڻ شروع ڪيو. ان طرح پورو معاشرو هڪ بيمار معاشري جو ڏيک ڏيڻ لڳو. رعيت، هاري، مزدور ۽ امير غريب سڀني تي اهو ڀوت سوار هيو ته هو ڪهڙي طرح به عيش ۽ آرام جي زندگي گذارين. ان ڪري معاشري جي ماڻهن ۾ رنجشون ۽ دشمنيون به پيدا ٿيڻ لڳيون. حڪومتي عيش لاءِ ضروري هيو ته آبادگارن، واپارين ۽ ٻين شعبن ۾ ڪم ڪندڙ ماڻهن تي ڳهٽي کان ڳهڻو محصول لڳايو وڃي ۽ انهن کي پوري طرح نچوڙيو وڃي. جيڪڏهن هو محصول (ٽيڪس ) ڏيڻ ۾ ڪوتاهي ڪن ته انهن سان ڏاڍ جا سڀ حربا اختيار ڪيا وڃن. جيڪڏهن هو محنت ڪري حڪمرانن جي عياشين کي پورو ڪندا رهن ته انهن جي حيثيت هڪ ڍڳي ۽ گڏهه واري ٻڻجي ويندي. جڻ ته هو سمورو وقت اناج پيدا ڪرڻ، ڪٽائي ڪرڻ ۽ پاٽي وارڻ ۾ لڳا رهن. هنن کي ان ڪم کان سواءِ ٻي فرصت ئي نه ملي ته هو ڪو تعميري ۽ تخليقي ڪم ڪري سگهن. ائين هلندي هلندي، ملڪ ۾ ڪو به هڪ ماڻهو نه بچيو هوندو جيڪو سعادت اخروي لاءِ سوچي سگهي. ان کان سواءِ عام ماڻهو وڏن ماڻهن جي خوشامد ۽ حاضري کي پنهنجي لاءِ نعمت سمجهندا آهن. انهن جي ”جي حضوري“ کي هڪ مرتبو ڄاڻي انهن جي نقل ڪرڻ ۾ مصروف رهندا آهن. انهن مان ڪي اهڙا هوندا آهن، جيڪي پاڻ کي سپاهي ۽ شهر جو چوڪيدار سمجهندا آهن، پر هو پنهنجو فرض نه نڀائيندا آهن. ڪي چوندا آهن، اسين شاعر ۽ دانشور آهيون، اهڙن ماڻهن کي بادشاهه انعام ۽ اڪرام ڏيڻ جا عادي هوندا آهن. ڪي وري پاڻ کي پارسا، پاڪ پوتر ۽ درويش سڏائيندا آهن. حڪمرانن کي اهڙن ماڻهن جي به ضرورت پوندي آهي ته هو عوام کي گروهن، ٽولن ۽ فرقن ۾ ورهائي ڇڏين ۽ پاڻ بادشاهه جي خوشامد ڪري پنهنجو مالي حصو حاصل ڪندا رهن. انهن مان به عمده اخلاق گم ٿي ويندا آهن. جڏهن انساني معاشرا ان حد تائين هيٺين درجي تي پهچي ويندا آهن ۽ منجهن ڪا به نيڪي يا خوبي باقي نه رهندي آهي ته ان وقت الله تعاليٰ ۽ ملائڪ مقربين جو انهن معاشرن تي غضب ۽ ڪاوڙ جو اظهار شروع ٿي ويندو آهي. خدا تعاليٰ جي مرضي ان طرح ظاهر ٿيندي آهي ته فساد ۽ ظلم جي جڙ کي بنيادن سميت نيست و نابود ڪيو وڃي. ٺيڪ اهو وقت ۽ اهڙو لمحو آيو، جڏهن حجاز ۾ دنيا جو آخري مصلح ۽ پيغمبر صلى الله عليه وسلم جن تشريف فرما ٿيا، پاڻ صلى الله عليه وسلم تمدني ملڪن جي رسمن رواجن کان نا واقف هوا ۽ انهن فتنن کان پوريءَ طرح محفوظ رهيا. الله تعاليٰ سندن شخصيت کي ”ميزان“ قرار ڏنو. پاڻ خدا تعاليٰ جي پسند ڪيل ۽ نا پسد ڪيل ڪمن کان پوري طرح آگاهه هئا. انسانيت جي خلاف جيڪي ڪڌا ڪرتوت ٿي رهيا هئا، انهن کان ماڻهن کي واقف ۽ دنيا جي هولناڪ نتيجن کان خبردار ڪيائون. انهن ڳالهين جي نشاندهي ڪيائون، جن ۾ عياش حڪمران مبتلا هئا. ريشم جو استعمال، سون جا ٿانو، زرق برق لباس ۽ جن تي تصويرون نقش ٿيل هجن، انهن سڀني کي حرام قرار ڏنو. انهيءَ عظيم مصلح خدا تعاليٰ جو اهو فيصلو ٻڌايو ته ”قيصر هلاڪ ٿي ويو ۽ هاڻي وري قيصر نه ايندو ۽ ڪسريٰ هلاڪ ٿي ويو ۽ هاڻي وري ڪسريٰ پيدا نه ٿيندو.“ (حجة الله البالغہ باب اقامة الارتفاقات و اصلاح الرسوم)



ايڊيٽوريل/چيف ايڊيٽر

# پاڪستان جي ناڪامي جا سبب

پاڪستان کي ناڪام رياست بڻائڻ ۽ عوام کي بک، بي روزگاري، افلاس ۽ غربت ۾ زندگي گذارڻ تي مجبور ڪرڻ وارو گروهه، اهو ئي گروهه آهي، جنهن پاڪستان ٺاهيو. اهو اشرافيه طبقو، جنهن کي اسان جي غلامي واري انڌيري دور ۾ سامراج جاگيرن ۽ شاهي خطابن سان نوازيو، انهن کي پاليو ۽ نپايو، انهن کي لکايو ۽ پڙهايو، انهن کي پنهنجي ڪلچر ۾ رنگي ڇڏيو، انهن کي ذاتي مفادن لاءِ شرم، حيا ۽ غيرت وڪڻڻ جو خوگر بڻايو؛ اهڙن بي اصول ۽ بدڪار شخصن سامراجي ايجنٽ بنجي جڏهن هن ملڪ جون واڳون سنڀاليون ته هنن گذريل 63 سالن کان وٺي اڄ تائين فقط سامراج جي چاڪري ڪئي آهي. سامراجي معاهدن ۾ جڪڙجي سامراج جا مقصد پورا ڪيا آهن. ملڪ جي ٺهڻ کان پوءِ هڪ انگريز فوجي کي آرمي چيف جي عهدي تي رکيو ويو. يوپي جي هڪ متعصب نوابزادي ۽ عوام دشمن ماڻهوءَ کي ملڪ جو پهريون وزير اعظم ٺاقيو ويو. غلامي جي دور جا ٻه بيورو ڪريٽ ملڪ تي قبضو ڪري ويٺا. هڪ ملڪ غلام محمد، جيڪو بعد ۾ گورنر جنرل بڻيو. هن عوامي نمائندي خواجه ناظم الدين کي لاهي آمريڪا ۾ پاڪستاني سفير محمد علي بوگري کي امريڪي حڪم تي وزير اعظم بڻايو. ٻيو بيوروڪريٽ رٽائرڊ فوجي جنرل سڪندر مرزا هو جنهن کي ملڪ جي پهرين دستور (1956ع) هيٺ ملڪ جو پهريون صدر مقرر ڪيو ويو. پوءِ انهيءَ جنرل فوجين سان سازش ڪري، ملڪ ۾ پهريون مارشل لا نافذ ڪيو ۽ جنرل ايوب خان جيڪو ان وقت آرمي چيف هيو، ڏهن سالن تائين اڇي ڪاري جو مالڪ بڻيو رهيو. ان کان پوءِ جنرل يحيٰ جهڙو بدڪار شخص مسلط ٿيو ۽ ملڪ کي ورهائي ڇڏيائين. پوءِ ڀٽو آيو، جنهن آمريت ۽ ڊڪٽيٽرشپ سان حڪومت ڪري انسانيت جا سمورا قدر مٽائي ڇڏيا. ان جي رد عمل ۾ جنرل ضياء جي آمريت مسلط ٿي، جنهن ملڪ جي اشرافيه طبقي کي گروهن ۾ ورهائي ۽ وڙهائي سامراج جي غلامي جو دروازو کولي ڇڏيو . جنرل ضياء جي آخري انجام تي پهچڻ کان پوءِ اشرافيه طبقي جا ٻه نمائندا ڪوڙ، ڪپت ۽ بد ديانتي جي سمورن حربن سان سنوارجي ملڪ تي هڪ ٻئي جي پٺيان قابض ٿيا. يعني بي نظير ڀٽو ۽ مياں نواز شريف. انهن جي عوامي ڪارنامن، عوام دوستي ۽ ميرٽ جي بنياد تي حڪومت هلائڻ جي داستان کان هر شهري واقف آهي. ”تبصري جي ضرورت ناهي“. سول حڪومت کان ماڻهن جو پيٽ ڀرجي چڪو هو ته وري فوج کي وارو لڳو. انهن جو نمائندو، جنرل پرويز مشرف عوام جي مٿي لڳو. ڏهاڪو سال هن شخص به سامراجي چاڪري بهتر انداز سان نڀاهي. لٽ ڦر پاڻ به ڪيائين ۽ دوستن ۽ ساٿين کي به موقعا ڏنائين. امريڪي حڪم جي آڏو صفا ليٽي پيو ۽ انهن جي اشارن تي بلوچستان ۽ ملڪ جي اترين علائقن ۾ خون ريزي ڪرائي، ڪِرائي جي قاتل جو شرف حاصل ڪيائين.

هاڻوڪي موجوده دور (زرداري ۽ گيلاني حڪومت جو دور) تي تبصرو ڪنهن ٻئي وقت ڪنداسون. ان ۾ ڇا ٿيو؟ ڇا ٿي رهيو آهي؟ ۽ اڳتي هلي ان جا نتيجا ڪهڙا نڪرندا؟ پر هن وقت اها ڳالهه سوچڻ جي آهي ته پاڪستان ۾ هن وقت تائين جيڪا ناڪامي ٿي آهي، ملڪ جا ادارا تباهه ۽ برباد ٿيا

آهن، ملڪ جي خزاني جي لٽ ڦر ٿي آهي، مهانگائي، بي روزگاري ۽ غربت و افلاس جنهن حد تائين پهتو آهي، تنهن جو ڪو تدارڪ به آهي يا ڪونه؟ ملڪ آمريڪا جي ڪالوني بڻجي چڪو آهي. ملڪ جو هر شهر ۽ ڳوٺ هٿيارن سان ڀرجي چڪو آهي. خاص طرح بلوچستان، پختون خواه ۽ ڪراچي ۾ گهر گهر ۾ خوفناڪ هٿيار موجود آهن. پورو ملڪ نه فقط قتل ۽ خون ريزي ۾ مبتلا آهي، بلڪ ڪراچي ۾ ته عملي طرح گهرو لڙائي ٿي رهي آهي. ڪو به شهري پنهنجي جان، مال، عزت آبرو ۽ سلامتي جي لحاظ کان محفوظ نه رهيو آهي. بک ۽ غربت ۾ ماڻهو اولاد کي وڪڻي رهيا آهن ۽ روزانه ڦاسين تي لٽڪي رهيا آهن. انهيءَ ڳنڀير صورتحال جو ذميوار ڪير آهي؟ ملڪ کي ناڪام بڻائڻ ۾ ڪنهن جو ڪردار آهي؟ تباهي، بربادي ۽ غلامي ۾ جڪڙڻ وارو گروهه ڪهڙو آهي؟

ڪنهن به ملڪ ۾ عام طرح ٽي گروهه موجود هوندا آهن. (1) اشرافيه طبقو، (2) مذهبي طبقو ۽ (3) عوام.

عوام ستايل، پيڙهيل، مظلوم، مجبور ۽ بيڪس طبقو ٿيندو آهي. انهن مان هڪ تعداد ڪڏ لڳڻ، محنت ڪرڻ ۽ وڏن ماڻهن جي چاڪري ڪرڻ ۾ مصروف رهندو آهي. انهن ۾ عقل ۽ شعور به گهٽ ٿيندو آهي. انهن کي جذبات ۽ نفسيات جي پروپئگنڊه ۾ گمراهه ڪري، پنهنجي پٺيان لڳائڻ شاطر ۽ مڪار ماڻهن جي کٻي هٿ جو کيل هوندو آهي. ملڪ جي موجوده ناڪامي ۾ انهن جو سڌو سنئون ته ڪو به هٿ ڪونهي، سواءِ ان جي ته اهي نالائقي ۽ جذبات جي وهڪري ۾ وهي مڪار حڪمرانن جي حق ۾ انهن جو پاسو وٺندا آهن ۽ انهن لاءِ استعمال ٿيندا آهن. جنهن ڀر مان ڏنگبا آهن، وري وري ان ئي ٻر ۾ پيا هٿ وجهندا آهن. تاريخ جي طويل دور ۾ انهن جي ناداني ۽ حماقت جو ڪردار هلندو پيو اچي. اسان جي ملڪ جي مختلف وقتن ۾، مختلف حڪمرانن پنهنجي اقتدار لاءِ انهن کي ڏاڪڻ پئي بڻايو آهي ۽ هاڻي به هو ڏاڪڻ بڻجڻ لاءِ آماده آهن. ٻيو مذهبي طبقو آهي. تاريخ ٻڌائي ٿي ته هن ملڪ جي منافقت جي بنياد تي بنجڻ واري دور ۾ ڪجهه نادان ملا ۽ مولوي صاحبان نعرن تي بيوقوف بڻجي ملڪ ٺهڻ واري تحرڪ جي حمايت ۾ نظر آيا پر پوءِ جلد ئي انهن جون اکيون کلي ويون ۽ چوڻ لڳا ”من خدعنا فی الله انخدعنا“ (جن اسان کي الله جي نالي تي دوکو ڏنو ته اسان ان دوکي ۾ اچي ويا سون)

پاڪستان ۾ جيڪي حڪومتون ملڪ تي قابض ٿيون ۽ جيڪي حڪمران مسلط ٿيا آهن، مذهبي طبقي جي ڪجهه ڪارين ڀڪرين جزوي طرح پنهنجي حماقت ۽ ناداني سبب ڪڏهن ڪڏهن اقتدار جي منافق لڏي جو ساٿ ڏنو آهي ۽ ڪي دنوي فائدا به حاصل ڪيا آهن. ايستائين جو آمرن حڪمرانن جي آمريت وارن اقدامات ۾ به همنوائي ڪئي آهي. انهن مذهبي گروهن جو اهو ڏوهه ضرور قابل مذمت ليکيو ويندو، جو هنن تي امت مسلمه جي نجات جي جيڪا ذميواري عائد آهي، ملڪ جا ماڻهو ڪفر جي غلامي ۾ ڦاٿل آهن، عوام غربت ۽ بک ۾ بدحال بڻجي چڪو آهي ۽ منافق، فاسق، فاجر ۽ ڪڌن ڪرتوتن جا حامل، فرعون صفت حڪمران جيڪي پنهنجن عياشين ۽ ظلمن ۾ مصروف آهن، انهن جي مزاحمت ۽ انهن کي عوام جي گردنن تان هٽائڻ لاءِ جيڪو منصوبو اجتماعي طور تي ناهڻو هيو ۽ ان لاءِ جدوجهد ڪرڻي هئي ۽ ملڪ ۾ هڪ عادلانه اجتماعي ڪفالت جو معاشرو وجود ۾ آڻڻو هيو، اهڙي تحريڪ کي برپا ڪرڻ ۽ ڪامياب ڪرڻ لاءِ جيڪا انقلابي جدوجهد ڪرڻ گهرجي ها، ان ۾ سمورو مذهبي گروهه قطعي طرح ناڪام ٿي چڪو آهي ۽ هو هاڻي مغرب جي سامراجي نظام ۽ فرسوده، بيهوده ۽ اڌوهي ڪاڌل سياسي نظام هيٺ، انهن ئي شاطر ۽ مڪار سياستدانن ۽ حڪمرانن جي پاڇي هيٺ



سياسي سرگرميون ادا ڪري رهيو آهي. هر مذهبي گروهه پنهنجي مسلڪ جي آڌار تي هڪ عدد سياسي پارٽي جوڙي گڏيل طور تي سامراجي نظام جي استحڪام جو سبب بڻجي رهيو آهي. اهو ڏوهه مذهبي گروهه کي دنيا ۾ به سرفراز نه ڪندو، نه ئي خدا وٽ هي سرخرو ٿي سگهندا.

معاشري جو ٽيون طبقو اشرافيه طبقو آهي. اهو سڌو سنئون هن ملڪ جي تباهي ۽ بربادي جو ذميوار آهي. اهو طبقو مجموعي طرح هن ملڪ ۽ قوم جو ڏوهاري آهي. ان طبقي صفا ڪوڙ ڳالهائي، نظرياتي ملڪ بڻجڻ جو نعرو لڳايو، پوءِ جڏهن هن ملڪ جون واڳون ان طبقي کي مليون ته ان طبقي جا ننڍا ۽ وڏا، اڳيان ۽ پويان ملڪ کي برباد ڪرڻ ۾ هٿ ڌوئي ڪاهي پيا.

- بنگال کي پهرين ڏينهن کان نظر انداز ڪيو ويو.
- ٽنهي فوجين جا هيڊڪوارٽر ملڪ جي مغربي حصي ۾ رکيا ويا.
- ملڪ جو تخت گاهه وڏي آبادي جي بجاءِ ننڍي آبادي ۾ رکيو ويو.
- تعمير ۽ ترقي جا سڀ وسيلا مغربي حصي ۾ استعمال ڪيا ويا.
- مارشل لا جي دور ۾ وڏي آبادي کي غلام ڪري رکيو ويو.
- فوجي جنرل هميشه اقتدار تي قابض ٿيڻ لاءِ منصوبا ٺاهيندا رهيا، جن جو تعلق مغربي حصي سان هيو.
- فوج سڌو رابطو آمريڪا سان قائم ڪري، ان کان هدايتون وٺندي رهي.
- سياسي پارٽيون اقتدار خاطر ٽڪرن ٽڪرن ۾ تقسيم ٿينديون رهيون.
- راتو رات سياسي پارٽي تبديل ڪري، وفاداريون بدلائي حڪومتون ٺهنديون ۽ ٽٽنديون رهيون.
- جاگيردارانه نظام کي پاڪ پوتر سمجهي، جاگيردارن کي اسيمبلين ۾ آندو ويو.
- آمريڪا جي طرز تي سرمايه دارانه نظام کي هٿي ڏني وئي.
- عوام کي غربت، ذلت ۽ غلامي ۾ جڪڙيو ويو.
- اسلام —عوام ۽ پاڪستان جي استحڪام جا لفظ دوکيبازي خاطر اچاريا ويا.
- ڪشمير جو جهاد، افغان جهاد، آمريڪي امداد حاصل ڪرڻ لاءِ جاري رکيو ويو.
- سوات آپريشن، وزيرستان آپريشن وغيره، آمريڪي چوڻ تي امريڪي ڊالرن لاءِ ڪئي پئي وڃي.
- امريڪي امداد، زلزله امداد، سيلاب امداد ۽ ٻيا سمورا قرض هڙپ ڪيا پيا وڃن.
- هر با اختيار حڪومتي عهديدار لٽ ڦر جا لڪل دروازا رکيا آهن. انهن ذريعي سموري رقم ٻاهر ڪني ڪئي پئي وڃي.
- هاڻي ڪو به حڪمران ، بيوروڪريٽ، وزير، مشير اهڙو نه رهيو آهي، جيڪو ملڪ جي لٽڻ ڦرڻ ۾ ڀاڱي ڀائيوار نه هجي.

پاڪستان جي ناڪامي جا اهي مختصر سبب آهن. انهن جي موجودگيءَ ۾ هي ملڪ ڪڏهن به صاف سٿرو ۽ فلاحي ملڪ نٿو بڻجي سگهي.

چيو ويو ته پرويز مشرف آخري بدڪار ۽ ڊڪٽيٽر حڪمران آهي. ان کان پوءِ ملڪ جا حڪمران ڪو سبق حاصل ڪندا ۽ عوام کي رليف ملندو. مگر ڇا ٿي رهيو آهي؟ سڀ ڪو ماڻهو هر شيءِ کي ڄاڻي ٿو. هينئر اسان ڪهڙي حالت تائين پهتا آهيون؟ سڀ ڪجهه ٿي رهيو آهي! بد امني، بد حالي، قتل غارتگري، بک ۽ بي روزگاري چوٽ چڙهي وئي آهي، ادارا ناڪاره ۽ ناڪام

ٿي ويا آهن. مگر حڪمران چا پيا چون! سڀ ڪجھ نيڪ ته آهي، حڪومت قائم آهي، جمهوريت هلي پئي ٻيو ڇا گھرجي؟ آهي ڪو شرم ۽ حيا؟ آهي ڪا غيرت؟ آهي ڪا انسانيت؟

اهڙين حالتن ۾ يا ته ملڪ ناڪام بڻجي ٽٽي ويندا آهن ۽ هميشه غلامي جي ڪڏڻ ۾ ڪري دنيا جي نقشي تان پنهنجو نالو نشان وڃائي ويهندا آهن، يا وري غيرت مند عوام سجاڳ ٿي انقلاب برپا ڪندو آهي ۽ هر بيهوده ۽ بدڪار شخص جو اهڙو انجام ڪندو آهي، جهڙو شاهه ايران جو ٿيو يا هاڻي تيونس ۽ مصر جي حڪمرانن جو ٿيو يا مارڪوس جو ڪجھ عرصو اڳ ٿيو. پر ضروري آهي ته انقلاب جو داعي پنهنجي ساٿين سان گڏ نڪري نروار ٿئي. پنهنجي ذات جي قرباني ڏيئي معاشري ۽ ملڪ کي نجات سان وابسته ڪري.

نصب العين، نظرياتي جماعت، جدوجهد ۽ پوءِ اڳيون مرحلو – فتح مبين ! هن وقت ضرورت آهي ته پاڪستان جا دردمند ۽ مخلص انسان پاڻ ۾ گڏجي وڃن ۽ مربوط ٿين. انانيت، حسد ۽ مفادات جو قتلام ڪن ۽ فقط نصب العين تي يقين رکي اڳتي وڌن ته پوءِ ڪاميابي يقيني آهي.

”اِنَّا لَنَنْصُرُ رُسُلَنَا وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا وَيَوْمَ يَقُوْمُ الْاَشْهَادُ ﴿٥١﴾

”بيشڪ اسان پنهنجن رسولن ۽ مؤمنن جي هن دنيا ۾ به مدد ڪندا آهيون (۽ انهن کي جدوجهد ۽ اخلاص سبب سياسي غلبو عطا ڪندا آهيون.)“ (غافر)


## حڪمتِ قرآن انسٽيٽيوٽ

- قرآن حڪيم جي عصري اعلي تعليم ۽ تحقيق جو ادارو
- قرآن حڪيم جي دعوت، پرچار ۽ اشاعت جو ادارو
- عهد حاضر جي لاءِ مثالي ماڻهن جي تياري جو ادارو
- امام شاهه ولي لله جي تعليمي طريقي تي قرآن حڪيم جي عملي الاهياتي ۽ سماجي شعور جو ادارو

الحمدلله 2 سالن کان سڄي ملڪ جي ڪنڊڪڙڇ مان سوين عالم، استاد، شاگرد، دانشور، ڊاڪٽر، انجنيئر ۽ مختلف شعبن جا ماڻهو خط و ڪتابت ذريعي فهم قرآن، تدبر قرآن ۽ حڪمت قرآن ڪورسن جي تعليم حاصل ڪري رهيا آهن. امام شاهه ولي الله رحمة الله عليه جي تعليمي طريقي تي جوڙيل هنن ڪورسن ذريعي قرآن مجيد جي عملي الاهياتي فڪر ۽ سماجي شعور سان نه صرف انهن جي علمي ۽ عملي صلاحيتن ۽ استعداد ۾ اضافو ٿي رهيو آهي بلڪ پنهنجي شخصيت جي ارتقا ۽ سماج لاءِ مؤثر ڪردار جي ادائگي جا مقصد به حاصل ڪري رهيا آهن.

اوهان به قرآن حڪيم جي ذريعي الله جي موڪليل هدايت ۽ حڪمت کان بهره ور ٿيڻ گھرو ٿا ته هيٺين ايڊريس تي خط لکي داخلا فارم گھرائي سگھو ٿا.

**حڪمت قرآن انسٽيٽيوٽ: 6- سنڌي جماعت ڪوآپريٽو سوسائٽي،**

نيشنل هاءِ وي ڪراچي 75030 فون: 0313-2707097




**مولانا محمد انس راڄپر**

# مقصد بعثت نبي امي صلي الله عليه وسلم

قرآن ۾ الله تعاليٰ نبي صلي الله عليه وسلم جي نبوت جي ذميوارين، مقصدن ۽ ڪمن جو بار بار ڪٿي اختصار سان ته ڪٿي وري تفصيل سان ذڪر فرمايو آهي. ان مضمون جي حوالي سان قرآن مجيد جون ٻه آيتون خاص طور مقصد نبوت کي واضح ڪرڻ واريون آهن. پهرين آيت الله تعاليٰ انهن آيتن جي تسلسل ۾ بيان فرمائي آهي جن ۾ حضرت موسيٰ طورسينا جبل تي قوم جي ستر ماڻهن سان گڏ، زلزلي جا جهٽڪا محسوس ڪري، جيڪا دعا گھري، ان جو ذڪر آهي. دعا ۾ حضرت موسيٰ الله تعاليٰ کان دنيا جي ۽ آخرت جي بهتري گھري آهي. ۽ الله جواب ۾ چيو آهي: ”اسان جنهن کي گھرنداسين، تنهن کي منهنجو عذاب پهچندو ۽ منهنجي رحمت هر شيءِ تي وسيع آهي“ ان ڪانپوءِ نزول قرآن واري وقت، جن لاءِ الله تعاليٰ دنيا ۽ آخرت جي بهتري لکي آهي تن جو ذڪر ڪيو آهي. فرمايو ويو:

فَسَاَكْتُبُهَا لِلَّذِيْنَ يَتَّقُوْنَ وَيُؤْتُوْنَ الزَّكٰوةَ وَالَّذِيْنَ هُمْ بِاٰيٰتِنَا يُؤْمِنُوْنَ ﴿١٥٦﴾ (الاعراف)

”(پنهنجي وسيع رحمت) اسان انهن لاءِ لکي ڇڏي آهي جيڪي تقويٰ اختيار ڪن ٿا زڪواة ادا ڪن ٿا، اسان جي آيتن تي ايمان رکن ٿا. ۽ امي نبيءَ جو اتباع ڪن ٿا.“

يعني جيڪا دنيا ۽ آخرت جي بهتري حضرت موسيٰ ۽ ٻين انبياء بني اسرائيل جي نتيجي ۾ بني اسرائيلن کي ملي، جيئن الله تعالي هڪ هنڌ کين پنهنجي نعمت ياد ڏياريندي فرمايو: ”الله جي ان نعمت کي ياد ڪيو، جڏهن الله اوهان ۾ نبي پيدا ڪيا، اوهان جون بادشاهتون بنايائين، اوهان کي اهو ڏنائين جيڪو جهان ۾ ڪنهن کي نه ڏنائين.“ اهڙي نعمت هاڻي انهن کي ملندي جيڪي هن ڪتاب قرآن تي ايمان آڻيندا، تقويٰ اختيار ڪندا ۽ زڪوات ادا ڪندا. ۽ ان سان گڏ اهي امي نبي تي ايمان آڻيندا. تڏنهن کين دنيا ۽ آخرت جي ڀلائي(دنيا ۾ اقتدار ۽ اختيار ۽ آخرت ۾ جنت) ملندي. ان کان پوءِ ان آيت جو ذڪر آهي جيڪا نبوت جو مقصد بيان ڪرڻ واري آهي. الله تعاليٰ فرمايو آهي.

وَالْاِنْجِيْلِ ۚ يَاْمُرُهُمْ بِالْمَعْرُوْفِ وَيَنْهٰىهُمْ عَنِ الْمُنْكَرِ وَيُحِلُّ لَهُمُ الطَّيِّبٰتِ وَيُحَرِّمُ عَلَيْهِمُ الْخَبٰٓئِثَ وَيَضَعُ عَنْهُمْ اِصْرَهُمْ وَالْاَغْلٰلَ الَّتِيْ كَانَتْ عَلَيْهِمْ ۭ فَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا بِهٖ وَعَزَّرُوْهُ وَنَصَرُوْهُ وَاتَّبَعُوا النُّوْرَ الَّذِيْٓ اُنْزِلَ مَعَهٗٓ ۙ اُولٰۗىِٕكَ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ ﴿١٥٧﴾ (الاعراف)

”نبي امي کين چڱاين جو حڪم ٿو ڪري ۽ برائين کان روڪي ٿو. انهن لاءِ پاڪ شيون حلال ٿو ڪري ۽ ناپاڪ شيون حرام ٿو ڪري. انهن جا بار ۽ انهن جي ڳچيءَ ۾ پيل ڳٽ لاهي ڦٽا ٿو ڪري. جيڪي مٿس ايمان آڻن ٿا، سندس حمايت ۽ مدد ڪن ٿا ۽ وٽس جيڪو نور نازل ٿيو آهي ان جي پيروي ڪن ٿا اهي ئي ڪامياب آهن.“

هن آيت ۾ نبي صلي الله عليه وسلم جا ڪم جيڪي ٻڌايا ويا آهن اهي هي آهن: چڱائين جو حڪم، برائين کان روڪڻ، پاڪ شيون حلال ۽ ناپاڪ شيون حرام ڪرڻ، ذهنن تان بار ۽ ڳچين مان ڳٽ

لاهي ڦٽا ڪرڻ.

ٻي آيت جيڪا نبي ﷺ جي بعثت جي مقصدن جي وضاحت ڪندڙ آهي، سا آهي:

هُوَ الَّذِىۡ بَعَثَ فِى الۡاُمِّيّٖنَ رَسُوۡلًا مِّنۡهُمۡ يَتۡلُوۡا عَلَيۡهِمۡ اٰيٰتِهٖ وَيُزَكِّيۡهِمۡ وَيُعَلِّمُهُمُ الۡكِتٰبَ وَالۡحِكۡمَةَ ۚ ﴿۲﴾

”الله اهو آهي جنهن امِيين ۾ انهن منجهان هڪ رسول موڪليو آهي، جيڪو انهن تي الله جون آيتون تلاوت ٿو ڪري، انهن جو تزڪيو ٿو ڪري ۽ ڪين ڪتاب ۽ حڪمت جي تعليم ٿو ڏئي.“ (جمعه)

هن آيت جو مضمون قرآن ۾ ڪيترين ئي جاين تي آيو آهي، جنهن ۾ نبي ﷺ جي بعثت جو مقصد هيٺ بيان ڪيل ڪمن کي ٻڌايو ويو آهي.

امت جي ماڻهن کي آيتن جي تلاوت ڪري ٻڌائڻ، انهن جو تزڪيو ڪرڻ ۽ ڪين ڪتاب ۽ حڪمت جي تعليم ڏيڻ.

نبوت جي جن ڪمن جو هنن ٻن آيتن ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي، تن ۾ منهنجي ناقص عقل جي غور فڪر مطابق تزڪيو، سڀني ڪمن مان اهم ڪم آهي. ٻيا ڪم جهڙوڪ تزڪيي جي حصول جو ذريعو آهن. مثال چڱائن جو حڪم ۽ برائين کان روڪڻ جو ڪم تزڪيي جو ذريعو آهي. پاڪ شيون حلال ۽ ناپاڪ شيون حرام ڪرڻ به تزڪيي جو ذريعو آهن. ذهنن تان بار لاهڻ ذهني تزڪيي جو ذريعو آهي. ماڻهن جي ڳچيءَ مان غلاميءَ جا ڳٽ لاهي ڦٽا ڪرڻ به تزڪيي جوذريعو آهي. البت غلاميءَ مان ڇوٽڪارو ڪهڙي طرح تزڪيي جو ذريعو آهي، اهو تزڪيي جي معني سمجهڻ کان پوءِ ئي صحيح طرح سمجهه ۾ ايندو. اهڙيءَ طرح الله جي آيتن جي تلاوت ۽ ڪتاب ۽ حڪمت جي تعليم به تزڪيي جو ذريعو آهن.

**تزڪيو:**

تزڪيو الهامي دعوت جو اهم مقصد آهي، حضرت موسيٰ عليہ السلام کي الله تعاليٰ فرعون ڏانهن موڪليو ته ڪيس چئو.

فَقُلۡ هَلۡ لَّكَ اِلٰٓى اَنۡ تَزَكّٰى ۙ﴿۱۸﴾ (النازعات)

”ڇا تنهنجو تزڪيي (اصلاح) جي طرف اچڻ جو ارادو آهي.“

سورة عبس ۾ نابين صحابي ابن ام مڪتوم جو ذڪر آهي. نبي ﷺ جن مڪي جي وڏن سردارن سان محو گفتگو هئا، جو هي نبي ﷺ جن کان ڪجهه معلوم ڪرڻ لڳو. پاڻ ﷺ جن سندن اهڙي مداخلت کي پسند نه ڪيو، الله ان جو ذڪر ڪندي رسول الله ﷺ جن کي فرمايو: ”تو نابين جي اچڻ تي منهن ڦيريو، ڪهڙي خبر شايد اهو تزڪيو اختيار ڪري ....... ۽ تون ان ڏانهن توجهه ڪري رهيو هئين جيڪو بي پرواهي ڪري رهيو آهي حالانڪ توتي ان جي ذميواري ڪانهي ته اهو تزڪيو اختيار ڪري.“ سورة عبس: 10-7

تزڪيو ڇاهي؟ ان جي معنيٰ تي غور ڪرڻ جي ضرورت آهي. اسان تزڪيہ نفس جي اصطلاح ٻڌي آهي. ان جي معنيٰ نفس جي صفائي ۽ پاڪائي ڪجي ته به صحيح آهي: پر ان جي صحيح ۽ جامع معنيٰ نفس جي اصلاح آهي. اصحاب ڪهف پنهنجي ساٿين مان ڪن کي جڏهن ڪاڌو وٺڻ لاءِ روانو ڪيو ته لفظ آهن: ”فَلۡيَنۡظُرۡ اَيُّهَاۤ اَزۡكٰى طَعَامًا“ (ڏسڻ گهرجي ته بهتر، صاف ۽ غذا جي صلاحيت رکندڙ ڪاڌو ڪٿي ٿو ملي) (الڪهف: 19)

الله تعاليٰ قرآن ۾ فرمايو آهي ته جيڪڏهن مڙس پنهنجي زال کي طلاق ڏئي ۽ پوءِ سندس



عدت پوري ٿي وڃي ته ان کي نڪاح کان منع نه ڪرڻ گهرجي. پوءِ فرمان آهي: ”ذٰلِكُمۡ اَزۡكٰى لَكُمۡ وَاَطۡهَرُ ؕ“ (اهو اوهان لاءِ وڌيڪ ستو ۽ پاڪ آهي. (البقره: 232). هن ۾ به تزڪيہ مان مراد معاشري ۽ گهر جي اصلاح آهي. گهر ۽ معاشرو سڌريل رکڻ گهرو ٿا ته طلاق ڏنل عورت کي نڪاح ڪرڻ کان منع نه ڪيو.

معجم معاني الفاظ القرآن واري لکيو آهي: ”زکا يزکو زکاة اى نما و زاد“ يعني هن مادي جي معنيٰ آهي نشوونما، واڌ ويجهه، ترقي، ڊولپمنٽ. فرد، معاشري ۽ سماج جي، جسماني، روحاني ۽ اخلاقي طرح ڊولپمنٽ ۽ سڌارو. معجم واري آيت: ”يَتۡلُوۡا عَلَيۡكُمۡ اٰيٰتِنَا وَيُزَكِّيۡكُمۡ“ (البقره:151) ۾ ’يزکيکم‘ جي معنيٰ ’يطهرکم ويصلحکم‘ لکي آهي. معنيٰ اوهان کي پاڪ ڪري ۽ اوهان جي اصلاح ڪري، تطهير ۽ گندگيءَ کان صفائي به اصلاح جو عمل آهي.

يعني نبي ﷺ جي بعثت جو بنيادي مقصد اصلاح آهي. امت جي هر هڪ فرد جي اصلاح، معاشري، سماج ۽ سوسائٽي جي اصلاح ۽ ڊولپمينٽ، بلڪ پوري ڪائنات ۽ پوري انسانذات جي اصلاح ۽ ڊولپمنٽ نبي ﷺ جي بعثت جو مقصد آهي. هن کان پوءِ سوال آهي ته نبي ﷺ ڪهڙي قسم جي اصلاح ڪرڻ ٿي گهري؟ اسان جي آڏو جڏهن الله ۽ رسول جو نالو ايندو آهي ته اسان جي ذهنن ۾ هڪ طرفو تصور قائم ٿيل آهي ۽ فقط ان ڏانهن ئي نظر ويندي آهي. جنهن مطابق چند مذهبي رسمن کي نبوت ۽ الله رسول جو ڪم سمجهي وٺندا آهيون. باقي زندگيءَ جي سموري ونهوار سان الله رسول جو ڪهڙو ڪم!، جو پاڻ کي انهن ڪمن لاءِ الله جي آڏو جوابدار سمجهون. نماز پڙهي، روزو رکيو، حج ڪيو، نذرونياز ڪيو، الله رسول جو ڪم پورو ٿيو. باقي زندگي ۾ اسان جيئن به ڪيون، ان سان تزڪيہ نفس يا ديني ذميوارين جو ڪهڙو تعلق!!

قرآن ۾ غور فڪر ڪجي ٿو ۽ نبي ﷺ جن جي زندگيءَ کي ڏسجي ٿو ته معلوم ٿئي ٿو ته تزڪيي ۽ اصلاح جو تعلق صرف چند رسمن سان ناهي، بلڪ انسان جي پوري زندگيءَ سان آهي. غور و فڪر ڪرڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته نبي ﷺ جن وٽ زندگي ديني ۽ دنياوي حصن ۾ ورهايل ناهي. بلڪ هڪ وحدت آهي جنهن جي پوريءَ طرح اصلاح ئي نبوت جو مقصد آهي.

مٿي حضرت موسيٰ جي فرعون ڏانهن دعوت جو ذڪر ٿيو. الله فرمايو: ”اذهب الى فرعون انه طغىٰ“ (اي موسيٰ فرعون ڏانهن وڃ ان سرڪشي اختيار ڪئي آهي) قرآن ۾ پاڻ فرعون بابت مطالعو ڪنداسين ته ان جي سرڪشيءَ جو تفصيل معلوم ٿي ويندو، ته اها ڪهڙي قسم جي سرڪشي هئي جيڪا ختم ڪرڻ لاءِ موسي عليہ السلام مبعوث ٿيو. فرمان آهي: ”اِنَّ فِرۡعَوۡنَ عَلَا فِى الۡاَرۡضِ وَجَعَلَ اَهۡلَهَا شِيَعًا يَّسۡتَضۡعِفُ طَآئِفَةً مِّنۡهُمۡ يُذَبِّحُ اَبۡنَآءَهُمۡ وَيَسۡتَحۡىٖ نِسَآءَهُمۡ ؕ“ (فرعون زمين ۾ سرڪشي اختيار ڪئي آهي. زمين وارن کي ٽولن ۾ تقسيم ڪيو اٿس. انهن مان هڪ ٽولي کي ڪمزور ڪيو اٿس. انهن جي پٽن کي ذبح ٿو ڪري ۽ زالن کي زنده ٿو رکي) بني اسرائيل سان ان جي ظلمن جو تفصيل قرآن ۾ ٻين جاين تي به آهي. مختصر طور هن هڪ آيت مان فرعون جي سرڪشي واضح آهي، جيڪا خالص سياسي سرڪشي، سياسي، معاشي ۽ قومي استحصال تي مبني هئي. حضرت موسيٰ ان سرڪش فرعون طرف

موڪليو ويو ۽ الله ڪيس فرمايو:

”فَقُلۡ هَلۡ لَّكَ اِلٰۤى اَنۡ تَزَكّٰى“ (اي موسي! ڪيس چئو: ڇا تنهنجو اصلاح جي طرف اچڻ جو ارادو آهي؟) هيءَ نظام سلطنت جي اصلاه جي دعوت هئي، جنهن جي ذريعي حضرت موسي بني اسرايلن جي سياسي، معاشي ۽ قومي استحصال جو خاتمو ڪرڻ گهريو ٿي.

حضرت شعيب عليہ السلام پنهنجي قوم جي اصلاح لاءِ آيو. قرآن ۾ آهي:

وَيٰقَوۡمِ اَوۡفُوا الۡمِكۡيَالَ وَالۡمِيۡزَانَ بِالۡقِسۡطِ وَلَا تَبۡخَسُوا النَّاسَ اَشۡيَآءَهُمۡ وَلَا تَعۡثَوۡا فِى الۡاَرۡضِ مُفۡسِدِيۡنَ ۝٨٥ (هود)

”اي قوم ماپ ۽ تور انصاف سان پوري ڪيو، ماڻهن کي انهن جون شيون ڪٽائي نہ ڏيو ۽ زمين ۾ فساد ڦهلائڻ وارا نہ ٿيو“

هن ۾ ڏسو، حضرت شعيب جي اصلاح ڪهڙي آهي؟. قرآن ۾ ماپ تور جي ڪوٽ جي عمل کي ڪيئن فساد ڦهلائڻ سان تعبير ڪيو ويو آهي. شعيب جي قوم ڪيس چيو:

قَالُوۡا يٰشُعَيۡبُ اَصَلٰوتُكَ تَاۡمُرُكَ اَنۡ نَّتۡرُكَ مَا يَعۡبُدُ اٰبَآؤُنَاۤ اَوۡ اَنۡ نَّفۡعَلَ فِىۡۤ اَمۡوَالِنَا مَا نَشٰٓؤُا ؕ اِنَّكَ لَاَنۡتَ الۡحَلِيۡمُ الرَّشِيۡدُ ۝٨٧ ﴿هود﴾

”اي شعيب! ڇا تنهنجي نماز توکي اهو ٿي حڪم ڪري تہ انهن کي ڇڏيون جن جي اسان جا ابا ڏاڏا عبادت ڪندا هئا. ۽ پنهنجي مالن ۾ جيئن چاهيون ائين بہ نہ ڪيون؟“

اسان جي پياري نبي حضرت محمد ﷺ جن بہ پنهنجي دور جي اهڙن سردارن کي چيلينج ڪيو. سوره مدثر جون پهريون ست آيتون پهرين وحي کان پوءِ نازل ٿيون. انهن ستن آيتن کان پوءِ واريون آيتون جن ۾ الله تعاليٰ مڪي جي سردارن جي مذمت ڪئي آهي، سي چند مهينن کان پوءِ نازل ٿيون. يعني شروعاتي وحي جون آيتون آهن. انهن آيتن ۾ ڏسو، ڪيئن الله تعاليٰ انهن جي سرمائي پرستيءَ جي مذمت ٿو ڪري. فرمان آهي.

فَاِذَا نُقِرَ فِى النَّاقُوۡرِ ۝٨ فَذٰلِكَ يَوۡمَئِذٍ يَّوۡمٌ عَسِيۡرٌ ۝٩ عَلَى الۡكٰفِرِيۡنَ غَيۡرُ يَسِيۡرٍ ۝١٠ (المدثر)

”جڏهن صور ڦوڪيو ويندو، اهو ڏينهن ڏاڍو ڏکيو هوندو. ڪافرن لاءِ سولو نہ هوندو. مون کي ۽ ان شخص کي ڇڏي ڏي جنهن کي مون اڪيلو پيدا ڪيو آهي، ڪيس ڪوڙ مال ڏنو آهي، حاضر رهندڙ پٽ ڏنا آهن. مون سندس اقتدار جي راهہ هموار ڪئي آهي. پوءِ بہ طمع ٿو رکي، تہ مان ڪيس اجا بہ وڌيڪ ڏيان! هر گز نہ!! اهو اسان جي آيتن جو دشمن آهي.“

هنن آيتن مان ظاهر ٿيو تہ پاڻ ڪريم ﷺ جن جي دعوت صرف ڪلمي پڙهائڻ لاءِ نہ هئي، بلڪ مالدارن، سرمائيدارن ۽ سردارن جي اصلاح لاءِ بہ هئي. سندن پروگرام ۾ اها ڳالهہ لازمي جز هئي تہ مالدار ماڻهو، پنهنجي دولت ۾، غريبن ۽ مسڪينن جو حق تسليم ڪن. الله تعاليٰ فرمايو: ”وَفِىۡۤ اَمۡوَالِهِمۡ حَقٌّ لِّلسَّآئِلِ وَالۡمَحۡرُوۡمِ ۝١٩“ (الزاريات: 19) ”انهن جي دولت ۾ محروم ۽ محتاج ماڻهن جو حق آهي.“

الله تعاليٰ نبي ﷺ جن کي قرآن شريف ۾ هدايت فرمائي آهي: ”خُذۡ مِنۡ اَمۡوَالِهِمۡ صَدَقَةً تُطَهِّرُهُمۡ وَتُزَكِّيۡهِمۡ“ (التوبہ: 103) ”انهن جي دولت مان انهن کان زڪوات وصول ڪر. انهن کي پاڪ ڪر ۽ انهن جي اصلاح ڪر“ يعني انهن کان زڪوات وصول ڪري ان جي ذريعي انهن جي سياسي، سماجي، اخلاقي، معاشي ۽ معاشرتي اصلاح ۽ ڊولپمينٽ ڪر.



هي سڀ ڳالهيون اهو ثابت ٿيون ڪن تہ نبي ﷺ بہ زندگيءَ جي گونا گون پهلوئن جي اصلاح لاءِ مبعوث ٿيا. عورتن جا مسئلا هجن، مرد ۽ عورت جي تعلق، ماءُ پيءُ، يتيمن مسڪينن يا بيواهن جا مسئلا هجن؛ نبي ﷺ جن سيني مسئلن جي اصلاح ڪئي. ٻين تفصيلن جو هتي احاطو نہ ٿو ڪري سگهجي. اجمالي طور آءٌ عرض ڪيان تہ نبي ﷺ جن پنهنجي پيروڪارن جي ذهني، اخلاقي، سماجي، سياسي ۽ معاشرتي طرح اصلاح ڪري انهن کي اقتدار، اختيار ۽ حڪومت جون واڳون سونپڻ جو مقصد بہ پنهنجي نبوي مقصدن ۾ شامل رکيو. جيئن اهو انهن آيتن مان بہ واضح آهي، جن جو شروع مضمون ۾ ذڪر ٿيو، جن ۾ بني اسرائيلن تي الله جي نعمت ۽ دنيا ۽ آخرت جي بهتري عطا ڪرڻ جو ذڪر آهي ۽ جيئن الله تعاليٰ جي هن فرمان مان بہ ظاهر آهي:

وَعَدَ اللّٰهُ الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا مِنۡكُمۡ وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ لَيَسۡتَخۡلِفَنَّهُمۡ فِى الۡاَرۡضِ كَمَا اسۡتَخۡلَفَ الَّذِيۡنَ مِنۡ قَبۡلِهِمۡ ۖ وَلَيُمَكِّنَنَّ لَهُمۡ دِيۡنَهُمُ الَّذِى ارۡتَضٰى لَهُمۡ وَلَيُبَدِّلَنَّهُمۡ مِّنۡۢ بَعۡدِ خَوۡفِهِمۡ اَمۡنًا ؕ (النور: 55)

”جن ايمان آندو ۽ عمل صالح ڪيا، انهن سان الله واعدو ڪيو آهي تہ انهن کي زمين ۾ حڪومت عطا ڪندو. جيئن انهن کان اڳين (بني اسرائيل ۽ ٻين) کي عطا ڪئي هئي. انهن لاءِ، انهن جي دين، جنهن کي الله انهن لاءِ پسند ڪيو آهي، تنهن کي تمڪن ۽ غلبو عطا ڪنداسين. انهن کي خوف جي حالت کان امن جي حالت ۾ تبديل ڪنداسين.“

هن آيت ۾ اقتدار ۽ غلبي سان گڏ امن جي بہ بشارت ڏنل آهي. رسول الله ﷺ جن جي ابتدائي دعوت ۾ ئي قريش کي الله جي دين جي آغوش ۾ اچڻ جو فائدو ياد ڏياريندي چيو ويو: ”فَلۡيَعۡبُدُوۡا رَبَّ هٰذَا الۡبَيۡتِ ۝٣ الَّذِىۡۤ اَطۡعَمَهُمۡ مِّنۡ جُوۡعٍ ۙ وَّاٰمَنَهُمۡ مِّنۡ خَوۡفٍ ۝٤“ (قريش کي گهرجي تہ هن گهر جي رب جي عبادت ڪن، جنهن کين بک کان ڪارايو ۽ خوف کان امن ڏنو آهي) کين ٻڌايو ٿي ويو تہ هن گهر جي رب تي ايمان پوري عرب جي خوشحالي ۽ امن جو موجب ٿيندو.

بخاري ”باب علامات النبوة“ ۾ روايت آندي آهي تہ: پاڻ سڳورا ﷺ ماڻهن کي بشارت ڏيندا هئا تہ هڪ زمانو ايندو جڏهن صنعا کان هڪ عورت اڪيلي سفر ڪندي ۽ خدا کان سواءِ ان کي ڪنهن شيءِ جو خوف نہ هوندو، تہ ماڻهو ان تي تعجب ڪندا هئا“.

بخاري شريف ۾ ئي هيءَ روايت بہ آئي آهي تہ: سنہ 9 هجريءَ ۾ هڪ شخص شڪايت ڪئي تہ منهنجو مال ڌاڙيل ڦري ويا آهن. پاڻ فرمايائون: جلد اهو زمانو ايندو جڏهن مڪي ڏانهن قافلا بنا ڪنهن نگهبان جي ويندا.

اسلام اچڻ کان اڳ سڄو عرب جدا جدا قبيلن ۾ ورهايل هو. هر قبيلي جا رئيس بہ الڳ تہ خدا بہ الڳ الڳ هئا. انهن وچ ۾ قبيلائي جهيڙا هلندڙ هئا. بڪر ۽ تغلب قبيلن وچ ۾ چاليهہ سال جنگ هلي. حضرموت ۽ ڪندي جا قبيلا بہ پاڻ ۾ وڙهي مئا. اوس ۽ خزرج وچ ۾ بہ لڙائي هلندڙ هئي. خاص حرم ۾ بنو قيس ۽ قريش ۾ حرب فجار جو سلسلو جاري هو. پهاڙن ۽ صحرائن ۾ خودمختار ڌوهاري قبيلا آباد هئا. انهن قبيلن جي معاش جو ذريعو ڪمزور قبيلن کي ڦرڻ ۽ لٽڻ هو. حج جا ٽي مهينا لاڳيتو حرم جي ڪري جنگ نہ ڪرڻ ڪانئن سٺو نہ ٿيندو هو. ان ڪري حرم جا مهينا بہ ڪڏهن گهٽائيندا هئا تہ ڪڏهن وڌائيندا هئا. شبلي نعماني ڪتاب الاموال جي حوالي سان لکيو آهي:

”وذالك لانهم كانويكرهون ان تتوالى عليهم ثلاثة اشهر لاتمكنهم الاغارة فيها لان معاشهم كان من الاغارة“ (شبلي نعماني: سيرت النبي جلد: 2 ص: 2)

قريش کي بيت الله جي متولي هئڻ جي ڪري الله تعاليٰ عزت ڏني هئي. اهي واپار ڪري گذر سفر ڪري ونندا هئا باقي ٻين عرب قبيلن جي حالت تمام ابتر هئي. واپار، سٽ ڪتڻ، چمڙي جي دباغت مان به انهن کي آمدني ٿيندي هئي پر قبائلي فسادن سندن جيئڻ حرام ڪري ڇڏيو هو. اسلام جي اچڻ ۽ نبي ﷺ جي ڪوشش جي نتيجي ۾ اهي قبيلا ڪير ڪنڊ ٿي پيا ۽ انهن وچ ۾ اهو امن ۽ خوشحالي پيدا ٿي پئي، جنهن جو تصور به عرب ۾ نه ٿي ڪيو ويو.

**جنگ جو نئون تصور:**

نبي ﷺ جن جي بعثت کان اڳ جنگيون ڦرمار لاءِ وڙهيون ويندڀون هيون. نبي ﷺ جن مظلومن کي ظلم جي خلاف جنگ ڪرڻ جي اجازت ڏني. الله تعاليٰ قرآن ۾ فرمايو: ”اُذِنَ لِلَّذِيۡنَ يُقٰتَلُوۡنَ بِاَنَّهُمۡ ظُلِمُوۡا ؕ“ (لڙائي جي اجازت ڏجي ٿي ان ڪري ته هنن سان ظلم ڪيو ويو آهي.) مظلوم ظلم جي خلاف لڙائي ڪن. مڪي ۾ جيڪي مرد ۽ عورتون ظلم جي چڪين ۾ پيسجي رهيون آهن انهن مظلومن جي آزادي لاءِ لڙائي ڪيو. وَالۡمُسۡتَضۡعَفِيۡنَ مِنَ الرِّجَالِ وَالنِّسَآءِ وَالۡوِلۡدَانِ الَّذِيۡنَ يَقُوۡلُوۡنَ رَبَّنَاۤ اَخۡرِجۡنَا مِنۡ هٰذِهِ الۡقَرۡيَةِ الظَّالِمِ اَهۡلُهَا ۚ (النساء: 75) ”جيڪي ڪمزور مرد عورتون ۽ ٻار پڪاري رهيا آهن ته اي پروردگار هن ظالمن جي شهر مان اسان کي آزاد ڪر.“

اهڙيءَ طرح تزڪيي ۽ اصلاح جي نتيجي ۾ ايمان وارن کي اها تعليم ۽ سکيا ڏني وئي ته ڦرمار لاءِ جنگ نه پر فتني ۽ فساد جي خاتمي لاءِ جنگ ڪيو. الله حڪم فرمايو: ”وَقٰتِلُوۡهُمۡ حَتّٰى لَا تَكُوۡنَ فِتۡنَةٌ وَّيَكُوۡنَ الدِّيۡنُ كُلُّهٗ لِلّٰهِ“ (ايستائين انهن سان جنگ ڪيو جيستائين فتنو ختم ٿي وڃي ۽ سمورو نظام الله جي حڪم مطابق ٿي وڃي.)

حضرت معاذ بن انس کان ابو داؤد ۾ روايت آهي: ”آءٌ رسول الله ﷺ جن سان هڪ جنگ ۾ شريڪ ٿيس. ماڻهن دشمن جي پڙاءُ واري هنڌ ئي حملو ڪيو ۽ ڦر لٽ ڪئي. نبي ﷺ جن ماڻهو موڪلي پڙهو ڏياريو جنهن پڙاء واري جاءِ تي حملو ڪيو ۽ ڦرلٽ ڪئي تنهن جو ڪو به جهاد ڪونهي.“ يعني لڙائي ڦرڻ مار لاءِ نه ڪيو اهڙي لڙائي جهاد ناهي. دشمن سان وڙهو دشمن جيڪو ڇڏي ڀڄي سو غنيمت آهي اهو ڪٺو، پر جيڪو غنيمت لاءِ لڙائي ڪري، ان لاءِ جهاد جو ڪو به اجر ۽ ثواب ڪونهي (ابوداؤد باب النهى اذا كان فى الطعام قلة)

مال غنيمت هٿ اچي ته اهو اميرن، سردارن لاءِ ناهي اهو به صرف غريبن ۽ مسڪينن لاءِ آهي. الله تعاليٰ فرمايو آهي: ”وَاعۡلَمُوۡۤا اَنَّمَا غَنِمۡتُمۡ مِّنۡ شَىۡءٍ فَاَنَّ لِلّٰهِ خُمُسَهٗ وَلِلرَّسُوۡلِ وَلِذِى الۡقُرۡبٰى وَالۡيَتٰمٰى وَالۡمَسٰكِيۡنِ وَابۡنِ السَّبِيۡلِ ۙ“ (الانفال: 41)

**آخري نتيجو:**

رسول الله ﷺ توحيد جي دعوت ۽ تزڪيي ۽ اصلاح جي ذريعي مسلمانن جي دلين کي به بدلايو ته سندن زندگيءَ کي به تبديل ڪيو. ڪالهه جيڪي پنهنجي قبيلي جي فخر، رئيس جي حڪم ۽ قبيلي جي خدا لاءِ ٻين قبيلن سان وڙهندا ۽ ڦرلٽ ڪندا هئا. تن کي رسول الله ﷺ جن هيءُ عقيدو سيکاريو:



قُلۡ اِنَّ صَلَاتِىۡ وَنُسُكِىۡ وَمَحۡيَاىَ وَمَمَاتِىۡ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ ۙ﴿۱۶۲﴾ (الأنعام)

”چئو بيشڪ منهنجي نماز منهنجي قرباني، منهنجي زندگي، منهنجو موت، اهڙي الله لاءِ آهي جيڪو مڙني جهانن/قومن جو پالڻهار آهي“

هاڻي هنن ماڻهن پنهنجي قبيلي جي فخر، عزت ۽ ترقي بجاء پوري انسان ذات جي عزت ۽ فخر کي پنهنجو ايمان بنائي ڇڏيو. اڳي صرف ڪعبي ۽ حج جي خاص مهينن کي محترم سمجهيو ويندو هو هاڻي هنن کي رسول الله ﷺ اهو سبق سيکاري ورتو هو ته:

ماڻهن جو رت، مال ۽ زندگي ائين حرمت واري آهي جيئن الله جو گهر ڪعبة الله ۽ حج جا مهينا حرمت وارا آهن.

الله تعاليٰ هن عقيدي جي ذريعي ”انهن جي دلين ۾ اها محبت پيدا ڪئي، جيڪا محبت زمين جا سڀ خزانا خرچ ڪرڻ سان به پيدا نه ٿي ٿي سگهي.“ رسول الله ﷺ جي محنت جي نتيجي ۾ نه رڳو قبائلي نفرت جو خاتمو ٿيو پر الله تعاليٰ اسلام جي دعوت کي قبول ڪندڙ مڙني قبيلن کي خوشحال ۽ شاهوڪار به بنائي ڇڏيو. هڪ موقعي تي نبي ﷺ جن مديني جي انصارن کي فرمايو:

”اي انصارو! ڇا ائين ڪونهي ته آءٌ اوهان وٽ ان وقت آيو هوس جڏهن اوهان گمراهه هئا. الله اوهان کي (منهنجي اچڻ کان پوءِ) هدايت ڏني. محتاج هئا، الله اوهان کي غني ۽ شاهوڪار بنايو. پاڻ ۾ وڙهيل هئا الله اوهان جون دليون ڳنڍي ڇڏيون!؟.“


## دوره حڪمت قرآن

حڪمت قرآن انسٽيٽيوٽ جي پاران

**ايندڙ پهرين جولاءِ 2011ع کان 15 جولاءِ 2011ع تائين**

دوره حڪمت قرآن پڙهايو ويندو.

- مفسر قرآن حڪيم الاسلام مولانا مفتي عبدالوهاب چاچڙ
- مفڪر اسلام مولانا محمد سليمان طاهر انيڙ
- شيخ القرآن والحديث مولانا محمد صادق سومرو
- حڪيم الاسلام مولانا محمد انس راڄپر

قرآن حڪيم جو دورو حضرت مولانا عبيدالله سنڌي جي تعليمي طريقي تي پڙهائيندا. حڪمت قرآن انسٽيٽيوٽ جي فاصلاتي ڪورسن ۾ پڙهندڙ شاگرد ۽ ٻيا شائقين علوم القرآن 15 شعبان المعظم تائين پنهنجي رجسٽريشن لازمي ڪرائين. رهائش ۽ ڪاڌو انسٽيٽيوٽ جي پاران هوندو.

رابطي لاءِ : احمد الدين شر، ائڊمنسٽريٽر حڪمت قرآن انسٽيٽيوٽ
فون: 0300_2707097

# شاهه لطيف رحمة الله عليه جو فلسفهءِ الاهيات

عالمن يا ڄاڻ وارن فلاسفرن کي هن طرح چئن ٽولن ۾ ورهايو آهي. اهي ڏسندا آهن ته اهي پنهنجن خيالن ۽ نظرين کي اشراف نوري، يا دل جي صفائي سان پروڙي ٿا وٺن، يا ڪين دليلن ڏانهن محتاج ٿيڻو پوي ٿو. پهرينءَ صورت ۾ ڏسبو ته جيڪڏهن ڪنهن آسماني دين ۽ مذهب جا پابند ۽ پوئلڳ آهن ته انهن کي صوفي يا حڪماءَ اسلام سڏيو ويندو آهي، جن جو سرڪرد و شيخ جنيد بغدادي آهي ۽ جيڪڏهن منجهن دين جي پابندي نه آهي ته اُهي ”اشراقي حڪماءَ“ آهن، هن ٽولي جو اڳواڻ افلاطون الاهي آهي. ٻئي صورت ۾ به مٿيان ٻئي احتمال پيدا ٿين ٿا، يعني اهي علم ۽ ڄاڻ وارا جن کي دليلن پويان ڊڪ ڊوڙ ڪرڻي پئي ٿي. ڪنهن دين الاهي جا پابند آهن ته انهن کي ”متڪلمين“ سڏيو ويندو آهي ۽ ٻي صورت ۾ ڪين ”مشائين“ چئبو آهي، جن جو امام حڪيم ارسطاليس سڪندر جو وزير آهي.

سنڌ جو سرتاج شاعر ۽ صوفي ڀٽائي صاحب اسلام جي حڪمين ۽ صوفي عالمن جو هڪ فرد هو، جنهنجو سارو توجهه باطني علم، رياضت ۽ خدمت خلق ڏانهن هو ۽ سندس اندر الاهي تجليءَ سان اُجريل هو جو ظاهريءَ ريت ڪيس ڪنهن مدرسي جي تعليم جي ضرورت نه هئي.

ڪنز قدوري ڪافيه، ڪو ڪ نه پڙهيوم،
جتان پرين ڏٺوم، اوپارو ئي ڪو ٻيو.
لوڪان نحو صرف، مون مطالع سپرين
سو ئي سو حرف، پڙهيو پڙهيان من ۾.

ڀٽائي صاحب جي دل واري ڦرهيءَ تي الاهي علم جا اُڪيچار اسرار اُڪريل هئا ۽ سندس ڪلام رباني الهام هو:

جي تو بيت ڀائين، سي آيتون آهين،
نيو من لائين، پريان سندي پار ڏي.

فلسفهءِ الهيات جا گهڻا مسئلا ته اهي آهن، جن جو لاڳاپو انسانيت ۽ ان جي ڪارگذارين سان آهي جنهن کي شريعت سڏيو ويندو آهي ۽ ٻيو پاڳو اهو آهي جنهن جو مقصد آهي: خدا پاڪ جي ڄاڻ ۽ ان جي صفتن کي پروڙڻ. هن کي جيڪڏهن طريقت نالو رکجي ته بجا آهي.

”طريقت ۽ تصوف“ انسان کي هن حد تي پهچائي ٿو ته هو هن حياتيءَ ۾ پنهنجي رب کي ڏسي سگهي يعني ان جي هستيءَ جو اقرار ڪري.



شريعت ۽ قانون جو هي ڪم آهي ته انسان کي اجتماعي زندگي گذارڻ لاءِ ڪو لائحه عمل پيش ڪري. طريقت ۽ شريعت کي گڏي مذهب چيو وڃي ٿو.

طريقت ۽ شريعت جو هڪ ٻئي سان ائين لاڳاپو آهي جيئن بدن ۽ روح جو. جڏهن شريعت مذهب جي روح (جذبهِ خدا شناسيءَ) کان محروم هجي ته ان جو هجڻ نه هجڻ هڪ جهڙو آهي ۽ ساڳيءَ طرح جيڪڏهن طريقت شريعت جي قاعدن ۽ قانونن کي ٽوڙي ڇڏي ته اهڙي طريقت نار ڪزم آهي ۽ سوسائٽي ان کي ڪڏهن به برداشت نه ڪري سگهندي.

ڀٽائي صاحب الاهيات جي پهرئين پاڳي شريعت جو سختيءَ سان پابند هو. نماز روزا پاڻ به ادا ڪندا رهيا ۽ ٻين کي به تلقين فرمائيندا رهيا.

مون کي هڪ دوست تازو هڪ فارسيءَ ٻولي ۾ رسالا جي شڪل ۾ جهونو مسودو ڏيکارو. مان اهو معلوم ڪري منهنجي خوشيءَ جي ڪا حد نه رهي ته اهو رسالو شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي گهري دوست مخدوم محمد معين ٺٽوي جو لکيل آهي جنهن جي خطبه ۾ ڀٽائي صاحب طرفان مخدوم محمد معين ڏانهن فارسيءَ ۾ هڪ خط لکيل آهي جنهن هن حديث ”مستفترق امتي الحديث“ يعني منهنجي اُمت ٽيهتر فرقن ۾ ورهاجي ويندي جن مان فقط هڪ گروهه ناجي يا ڇٽل آهي) بابت تحقيق جي طلب ڪئي وئي آهي ۽ خط ۾ مخدوم صاحب کي وڏن وڏن لقبن سان ياد ڪيو ويو آهي. مخدوم صاحب، ڀٽائي صاحب جي سوال جو جواب هڪ رسالي جي شڪل ۾ ڏنو آهي جنهن جا انڪل ٽيهارو صفحا ٿيندا. ان رسالي مان پتو پئي ٿو ته شاهه کي شريعت جو ڪيڏو نه اونو هو.

راهه شريعت رسيا معرفت طريقون،
حال حقيقت رسيا معرفت ماڳون،
ناسوت ملڪوت جبروت اُهي انعامون،
پسي لاهوت لنگهيو ها هوت مٿي هليا.
مونا طور سينا سندا سنياسين،
سجده ۾ سيد چئي گوڏا گودڙين.

الهيات جو مکيه مسئلو آهي ذات باري جي ڄاڻ، جنهن صورت ۾ ذات جي ڄاڻ الهيات جي عالمن وٽ ناممڪن ڄاتي وئي آهي ان ڪري الهيات جي ڄاڻن وجود يا هستيءَ کي ذات جي جاءِ تي رکي ان جي تحقيق ۾ پنهنجي وجدان ۽ علم کي خرچ ڪيو اٿن.

اسلامي تصوف يا فلسفهءِ الهيات تي نظر ڦيرائڻ سان معلوم ٿيندو ته ان ۾ ٻن طرحن جو تصور يا خيال موجود آهي. (1) جناب محي الدين ابن عربيءَ جو فڪر وحدت الوجود، (2) پهرين فڪر جي ٻنهه ابتڙ امام رباني جو فڪر وحدت شهود آهي. ويدانت فلاسفيءَ ۾ ته اهي ٻئي فڪر موجود آهن.

اسان جو ڀٽائي صاحب وجودي مشرب جو هو ۽ ٻيا اهل الله به گهڻو ڪري وجودي رهيا آهن.

وحـــدتا كثــرت ٿـــي، كثــرت وحـــدت كـــل،
حـــق حقيقـــي هيكـــڙو، ٻـــولي ٻـــي م ڀـــل،
هـــو هلاچـــو هـــل، بـــالله ســـندو ســـچڻين.

پـــاڻ جـــل جلالـــــ، پاڻــــ جـــاڻ جمـــال،
پـــاڻ صـــورت پـــرينءَ جـــي پـــاڻ حســـن كمـــال،
پـــاڻ پيـــر مريـــد ٿئـــي، پـــاڻ پـــاڻ خيـــال،
ســـڀ ســـيوئي حـــال، منجهـــان ئـــي معلـــوم ٿئـــي.

## وحدت الوجود جي مختصر سمجهاڻي:

جڏهن اسين كائنات كي ڏسون ٿا ته ان ۾ اسان كي ٻه شيون سمجهه ۾ اچن ٿيون. (1) اشتراك (2) امتياز يا جدائي يعني هك ته هيءَ شيءِ آهي ته اهي سڀ شيون جدا جدا صفتن ۾ هك ٻئي سان شريك يا رليل مليل آهن. جهڙي طرح انسان جا سڀ افراد هك ٻئي سان انسانيت ۾ گڏ سڏ آهن ۽ ٻئي طرف كان هر هك پنهنجن خاص صفتن ۾ مهاندن ۾ هك ٻئي كان جدا ٻه آهن. اهڙي ريت جيكي ٻه ساهه واريون شيون آهن اهي سڀ ”جاندار“ لفظ ۾ هك ٻئي سان گڏيل آهن پر ٻيو نالو انسان، گهوڙو وغيره انهن شين كي هك ٻئي كان الڳ كري ٿو. ساڳي طرح وجود سموري موجودات ۾ مشترك آهي اهي شيءِ ممكن هجي (جنهن جي وجود جو آڌار ۽ سهارو كنهن ٻي شيءِ تي هجي.)يا واجب هجي (جو پنهنجي وجود ۾ ٻي كنهن ٻه شيءِ ڏي محتاج نه هجي) ان وجود كان اهڙي حقيقت مراد آهي جنهن جي بنا تي اسان كنهن شيءِ كي موجود سڏيون ٿا. اها حقيقت موجود كرائڻ كان سواءِ ئي موجود آهي. ڇو ته سڀني شين جي وجود لاءِ هك ذريعو آهي، ان كري ان كي پهريون ئي موجود هجڻ گهرجي. اها هستي نه هجي ته سڀ كا شيءِ معدوم ۽ كجهه به نه هجي.

هاڻ ڄاڻڻ گهرجي ته مخلوقات ۾ وجود كان سواءِ ٻيون جيكي ٻه شيون لڌيون وڃن ٿيون اهي سڀ اعتباري ۽ خيالي آهن، جيكڏهن وجود نه هجي ته انهن سڀني شين جو خاتمو يا پڄاڻي ٿي وڃي. ان كري وجودي صوفين وٽ اهو وجود خدا تعاليٰ جي ذات جو عين يا جند آهي. دنيا جي سڀني شين جي حقيقت اهوئي وجود آهي.

امام ربانيءَ كان پوءِ ڀٽائي صاحب جو همعصر شاهه ولي الله پيدا ٿيو جنهن جناب ابن عربيءَ جي نظريه وحدت الوجود ۽ امام ربانيءَ جي نظريه وحدت شهود ٻنهي كي ملائڻ جي كوشش كئي ۽ شاهه صاحب اهڙي تطبيق يا ٻن فكرن كي ملائڻ جو سمورو مدار ”تجلي“ جي مسئلي تي ركيو آهي جنهن جي تفصيل ولي اللهي فلسفي ۾ ڏسڻ گهرجي.

ڀٽائي صاحب جي رسالي ۾ ٻه كيترن بيتن ۾ ”تجلي“ ڏانهن اشارا لين ٿا، ائين معلوم ٿو ٿئي ته مخدوم معين ٺٽوي جي وسيلي ۽ وساطت سان ڀٽائي صاحب شاهه ولي الله جي فكر كي ٻه معلوم كري ورتو ان كري ٻنهي جي خيالن ۾ يگانگت ۽ يكسانيت ملي ٿي.



احمد الدين شر بلوچ

# اسلام ڇا آهي؟

الله تعاليٰ جي سڀني حكمن اڳيان پنهنجو مٿو ٽيكي فرمانبردار ٿي رهڻ جو نالو اسلام آهي. يعني ٻڌڻ ۽ فرمانبرداريءَ جي بنياد تي انسان ۽ سندس پالڻهار وچ ۾ جيكو تعلق پيدا ٿئي ٿو، سو ئي صحيح معنيٰ ۾ اسلام آهي.

جيكڏهن كو ماڻهو سمجهڻ لڳي ته زمين ۽ آسمان ۾ كنهن جي بادشاهي آهي ئي كانه ۽ پوءِ هو كنهن جي هدايت ۽ رهنمائيءَ كانسواءِ، پنهنجي سَڌن مطابق، جيئن وڻيس تيئن پيو كري؛ ته اهڙي سوچ جيكڏهن كنهن انسان جي ٻئي كنهن انسان سان لاڳاپن بابت هجي ها ته كنهن حد تائين كٽي ان كي ميجي سگهجي پيو. پر جڏهن اها سوچ انسان ۽ سندس پالڻهار بابت هجي؛ جنهن كيس پنهنجي قدرت سان پيدا كيو، پنهنجي نعمتن سان تاتي نپائي وڏو كيو ۽ كيس سنئين واٽ ڏيكاري ۽ پوءِ ان تي هلڻ جي توفيق بخشي؛ ته اهڙي سوچ كي ميڃڻ جي كابه واٽ نظر كانه ٿي اچي. انسان لاءِ تمام ضروري آهي ته هو الله تعاليٰ جي حكمن ۽ مرضيءَ اڳيان پنهنجو كنڌ جهكائي ڇڏي.

وَمَنْ يُّسْلِمْ وَجْهَهٗٓ اِلَى اللّٰهِ وَهُوَ مُحْسِنٌ فَقَدِ اسْتَمْسَكَ بِالْعُرْوَةِ الْوُثْقٰى ۭ وَاِلَى اللّٰهِ عَاقِبَةُ الْاُمُوْرِ ۝۲۲ (لقمان)

”جيكو ماڻهو پنهنجو پاڻ كي الله تعاليٰ جي حوالي كري ڇڏي ۽ عملي طرح سان ٻه نيكو كار هجي ته اهڙي ماڻهوءَ ڄڻ ته هك مضبوط رسيءَ كي پكڙي ورتو.“

خالق ۽ مخلوق جي وچ ۾ لاڳاپن جي نوعيت ان كانسواءِ آخر ٻي كهڙي ٿي سگهي ٿي جنهن كي زمين جي كنهن ٽكري تي ٿورو وقت گهارڻ كان پوءِ وري ٻه پنهنجي خلقڻهار ڏانهن موٽي وڃڻو آهي، ته انسان پنهنجي پالڻهار جو مكمل فرمانبردار ٿي رهي. پوءِ سوچڻ جي ڳالهه هيءَ آهي ته اهو لاڳاپو اڻ ڄاڻائي تي مبني ۽ باغيانه هئڻ گهرجي يا سڃاڻپ ۽ خود حوالگي وارو؟

فطرت جي گهرج ته اها آهي ته انسان پنهنجي پالڻهار كي سڃاڻي، ان جي حكمن كي ميڃي ۽ ان جي ڏنل هدايتن تي عمل كري. اهو ئي اسلام جو مقصد آهي جنهن جي لاءِ سڀني رسولن تعليم ڏني. الله تعاليٰ فرمائي ٿو:

اِنَّ الدِّيْنَ عِنْدَ اللّٰهِ الْاِسْلَامُ ۝۱۹ (آل عمران)

”بيشك دين ته الله تعاليٰ وٽ اسلام ئي آهي.“

جڏهن كو ٻه انسان الله تعاليٰ جي حكمن اڳيان فرمانبرداريءَ ۾ پنهنجو مٿو ٽيكڻ جو اعلان كندو آهي ۽ سندس هدايتن جو احترام كندي انهن تي عمل كندو آهي ته ڄڻ هو ان وقت سڄي كائنات جي سُر سان سُر ملائيندو آهي، جيكا پوريءَ طرح پنهنجي پالڻهار جي حكمن اڳيان كنڌ نوائي سندس عظمت جو اعلان كري رهي هوندي آهي.

اَفَغَيْرَ دِيْنِ اللّٰهِ يَبْغُوْنَ وَلَهٗٓ اَسْلَمَ مَنْ فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ طَوْعًا وَّكَرْهًا وَّاِلَيْهِ يُرْجَعُوْنَ ۝۸۳ (آل عمران)

”پوءِ هي ماڻهو الله تعاليٰ جي فرمانبرداري وارو رستو (الله جو دين) ڇڏي كو ٻيو دڳ ڳولڻ گهرن ٿا ڇا؟ جڏهن ته آسمان ۽ زمين جون سڀئي شيون سرهو ٿي توڙي ارهو ٿي الله تعاليٰ جي اڳيان

فرمانبردار (مسلم) ٿي ڪنڌ جهڪائي چڪيون آهن ۽ انهيءَ (الله) ڏانهن ئي سڀني کي موٽڻو آهي.“

اهڙو ماڻهو غلطي ڪندڙ هوندو، جيڪو هيءُ سمجهي ويهي ته اسلام رڳو انهيءَ دين جو نالو آهي جيڪو اڄ کان پندرهن سؤ سال اڳ حضرت محمد ﷺ جن آندو هئو. حقيقت هيءَ آهي ته، اسلام انهن سڀني نبين ۽ رسولن جو پيغام رهيو آهي، جيڪي انسان جي پيدائش کان وٺي اڄوڪي ۽ قيامت تائين اچڻ وارن سڀني انسانن جي هدايت ۽ ڪاميابيءَ لاءِ پاڻ پتوڙيندا رهيا آهن. اها ڳالهه بلڪل سچ آهي ته اسلام جي حقيقت پنهنجي ڪمال ۽ آخري شڪل ۾ حضرت محمد مصطفيٰ احمد مجتبيٰ ﷺ جن جي رسالت ۾ پهتي. جڏهن ته قرآن ڪريم بنا ڪنهن فرق جي سڀني نبين جي پيغام کي اسلام جو ئي نالو ڏنو آهي.

حضرت يعقوبؑ جنهن جو لقب ”اسرائيل“ آهي، تنهن نه رڳو ماڻهن کي اسلام ڏانهن سڏيو، پر مرڻ گهڙيءَ تائين پاڻ به انهيءَ تي ڄميو رهيو. ايتري تائين جو پنهنجي پونيرَ کي به اهائي وصيت ڪيائين:

اَمْ كُنْتُمْ شُهَدَآءَ اِذْ حَضَرَ يَعْقُوْبَ الْمَوْتُ ۙ اِذْ قَالَ لِبَنِيْهِ مَا تَعْبُدُوْنَ مِنْۢ بَعْدِيْ ؕ قَالُوْا نَعْبُدُ اِلٰهَكَ وَاِلٰهَ اٰبَآئِكَ اِبْرٰهٖمَ وَاِسْمٰعِيْلَ وَاِسْحٰقَ اِلٰهًا وَّاحِدًا ۚۖ وَّنَحْنُ لَهٗ مُسْلِمُوْنَ ﴿١٣٣﴾ (البقرة)

”پوءِ ڇا توهان ان وقت اتي موجود هئين جنهن وقت يعقوب عليه السلام هن دنيا ۾ لاڏاڻو ڪري رهيو هئو. هن مرڻ وقت پنهنجي پٽن کان پڇيو ته منهنجا ٻچڙؤ! مونکان پوءِ توهان ڪنهن جي عبادت ڪندؤ؟ انهن سڀني جواب ڏنو ته اسان انهيءَ هڪڙي الله جي عبادت ڪنداسين جنهن کي توهان ۽ توهان جي وڏڙن ابراهيمؑ ۽ اسماعيلؑ ۽ اسحاقؑ جن پنهنجو خدا ڪري مڃيو آهي ۽ اسان انهيءَ (ئي الله) جا فرمانبردار آهيون.“

حضرت عيسيٰؑ به پنهنجي پوئلڳن کي الله تعاليٰ جي فرمانبرداري ۽ سچي دل سان ٻانهپ ڪرڻ سيکاري:

وَاِذْ اَوْحَيْتُ اِلَى الْحَوَارِيّٖنَ اَنْ اٰمِنُوْا بِيْ وَبِرَسُوْلِيْ ۚ قَالُوْۤا اٰمَنَّا وَاشْهَدْ بِاَنَّنَا مُسْلِمُوْنَ ﴿١١١﴾ (المائدة)

”۽ جڏهن مون (الله) حوارين کي اشاري سان چيو ته مون تي ۽ منهنجي رسولن تي ايمان آڻيو تڏهن انهن چيو ته اسان ايمان آندو ۽ شاهد هج ته اسان فرمانبردار (مسلمان) آهيون.“

توريت جي باري ۾ اچي ٿو:

اِنَّاۤ اَنْزَلْنَا التَّوْرٰىةَ فِيْهَا هُدًى وَّنُوْرٌ ۚ يَحْكُمُ بِهَا النَّبِيُّوْنَ الَّذِيْنَ اَسْلَمُوْا لِلَّذِيْنَ هَادُوْا وَالرَّبّٰنِيُّوْنَ وَالْاَحْبَارُ بِمَا اسْتُحْفِظُوْا مِنْ كِتٰبِ اللّٰهِ وَكَانُوْا عَلَيْهِ شُهَدَآءَ ﴿٤٤﴾ (المائدة)

”اسان توريت نازل ڪيو جنهن ۾ هدايت ۽ چانڊوڻي هئي. سڀئي نبي جيڪي فرمانبردار (مسلم) هئا انهيءَ جي ئي حڪمن موجب يهودين جا فيصلا ڪندا هئا ۽ اهڙيءَ ئي طرح درويش ۽ ڏاها ماڻهو به (انهيءَ توريت مطابق فيصلا ڪندا هئا) ڇو ته کين ڪتاب الله جي حفاظت جو ذمو ڪٽايو ويو هئو ۽ انهيءَ تي اهي پاڻ شاهد به هئا.“

اسلام ٻن بنيادي حقيقتن کان بنا اڻ پورو آهي. انهن مان پهرين آهي الله تعاليٰ جي صحيح سڃاڻ ۽ سندس مان ۽ مرتبي موجب ربوبيت جو قولي ۽ عملي اقرار. جنهن به ماڻهو، الله تعاليٰ سان ڪنهن ٻي شيءِ کي ڀاڱي ڀائيوار سمجهيو يا ڪنهن شيءِ کي ان جهڙو سمجهيو يا هي سمجهيو ته هو



جنهن مادي دنيا ۾ رهي پيو، الله تعاليٰ به تنهن مان ڪنهن هڪ شيءِ جهڙو آهي، ته اهڙي ماڻهوءَ کي مسلمان نٿو سمجهي سگهجي. الله تعاليٰ جي صحيح سڃاڻپ تمام گهڻو ضروري آهي. ان کان پوءِ ٻي حقيقت آهي سندس فرمانبرداري ۽ ان جي سڀني حڪمن کي پنهنجي عملي زندگيءَ ۾ لاڳو ڪرڻ.

قرآن مجيد ۾ الله تعاليٰ جي پاڪائي، ان جي واکاڻ، ان جي سهڻن نالن ۽ اوچين صفتن ۽ عظمت کي جنهن انداز سان پڌرو ڪيو ويو آهي، تنهن جو مثال دنيا جي ڪنهن به قديم آسماني يا زميني ڪتاب يا ڪلام ۾ نٿو ملي. جڏهن قرآن پاڪ کي پڙهبو ته سڀڪنهن شيءِ تي الله تعاليٰ جي رکوالي ۽ ضابطو محسوس ڪبو:

قُلِ اللّٰهُ اَعْلَمُ بِمَا لَبِثُوْا ۚ لَهٗ غَيْبُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ؕ اَبْصِرْ بِهٖ وَاَسْمِعْ ؕ مَا لَهُمْ مِّنْ دُوْنِهٖ مِنْ وَّلِيٍّ ۫ وَّلَا يُشْرِكُ فِيْ حُكْمِهٖۤ اَحَدًا ﴿٢٦﴾ (الڪهف)

”آسمان ۽ زمين جون سڀئي لڪيل خبرون ڪيس معلوم آهن، وڏو ئي ڏسندڙ ۽ ٻڌندڙ آهي. (زمين ۽ آسمان جي مخلوق جو) ان کان سواءِ ڪو ٻيو سنڀاليندڙ نه آهي ۽ هو پنهنجي حڪومت ۾ ڪنهن کي ڀائيوار نٿو ڪري.“

انسان پنهنجو پاڻ کي ان هستيءَ جي حوالي آخر ڇو نه ڪري، جيڪو هر شيءِ جو پيدا ڪندڙ آهي، سڀني ڪمن جي جوڙ جڪ ڪندڙ آهي، سڀڪجهه ڏسي ۽ ٻڌي ٿو، رات ۽ ڏينهن کي ڦيرائي گهيرائي ٿو، هوائون گهلائي ٿو، ڀٽڪيلن کي اونداهين مان ڪڍي روشنيءَ واري راهه ڏيکاري ٿو: پوءِ اهڙي الله تعاليٰ لاءِ جڏهن به ڪو ماڻهو پٽ ٺاهي ٿو يا سندس ٻانهن مان ڪنهن کي سندس جهڙو ڪري سمجهي ٿو تڏهن الله تعاليٰ ان تي سخت ڏمرجي ٿو. قرآن پاڪ ۾ الله تعاليٰ ڪاوڙ جو اظهار ڪندي اهڙن ماڻهن لاءِ فرمائي ٿو:

قَالُوا اتَّخَذَ اللّٰهُ وَلَدًا سُبْحٰنَهٗ ؕ هُوَ الْغَنِيُّ ؕ لَهٗ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ ؕ اِنْ عِنْدَكُمْ مِّنْ سُلْطٰنٍۭ بِهٰذَا ؕ اَتَقُوْلُوْنَ عَلَى اللّٰهِ مَا لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿٦٨﴾ قُلْ اِنَّ الَّذِيْنَ يَفْتَرُوْنَ عَلَى اللّٰهِ الْكَذِبَ لَا يُفْلِحُوْنَ ﴿٦٩﴾ (يونسؑ)

”ماڻهن چيو ته الله ڪنهن (ماڻهوءَ) کي پنهنجو پٽ ٺاهيو آهي. سبحان الله، هو ته بي پرواهه آهي. آسمان ۽ زمين ۾ جيڪو ڪجهه آهي سو سڀ سندس ملڪيت آهي. توهان وٽ توهان جي انهيءَ قول جو ڪهڙو دليل آهي؟ يا توهان الله جي باري ۾ اهڙي ڳالهيون ڪريو ٿا جن جي توهان کي خبر ئي ناهي. (اي پيغمبر!) چئي ڏي ته جيڪي الله تعاليٰ تي ڪوڙ هڻندا آهن سي ڪڏهن به ڪامياب نه ٿيندا.

الله تعاليٰ جي صحيح سڃاڻپ کان پوءِ وارو آهي سندس پوري پوري فرمانبرداري ۽ ٻانهپ جو. پنهنجو پاڻ کي الله تعاليٰ جي حوالي ڪري ڇڏڻ، سندس حڪمن اڳيان ڪنڌ نوائڻ ۽ ٻئي پاسي وري سندس نافرماني ۽ حڪمن کان بغاوت، اهي ٻئي ڳالهيون ڪنهن به انسان جي اندر هڪ ئي وقت ٽڪاءُ نٿيون ڪري سگهن. پوءِ ڇا ان جو مطلب اهو ٿيو ته مسلمان ڪڏهن ڪو گناهه جو ڪم ڪري ئي نٿو سگهي؟

سچي ڳالهه هيءَ آهي ته جيڪڏهن ڪنهن مسلمان کان ڪو ڏوهه ٿي به وڃي ٿو ته اصل ۾ اها سندس ڀُل هوندي آهي، جيڪا غير ارادي طور ڪانئس ٿي ويندي آهي. هو بنا ڪنهن دير جي ان تي شرمسار ۽ پشيمان ٿيندو آهي ۽ ان ڪڌي ڪم کان آئينده جي لاءِ ڪنڌ ڪڍائڻ جي ڪندو آهي. انهيءَ ڪري

جيڪڏهن سندس ڏاهپ کي ڪو ڏنگ لڳي وڃي يا سندس سمجهه، ارادي، جرئت ۽ سگهه ۾ ڏيرائپ اچي وڃي ته ان انسان کي اسلام جي دائري مان ڪڍي نٿو سگهجي.

إِنَّ الَّذِينَ اتَّقَوْا إِذَا مَسَّهُمْ طَائِفٌ مِّنَ الشَّيْطَانِ تَذَكَّرُوا فَإِذَا هُم مُّبْصِرُونَ ﴿٢٠١﴾ (الأعراف)

”حقيقت ۾ جيڪي ماڻهو پرهيزگار آهن انهن جو حال ته هيءُ هوندو آهي جو جڏهن به شيطان جي اثر کان ڪين ڪو برو خيال ايندو به آهي ته اتي جو اتي هوشيار ٿي ويندا آهن ۽ پوءِ هنن کي چٽيءَ طرح ڏسڻ ۾ ايندو آهي ته انهن لاءِ حق جي راهه ڪهڙي آهي.“

اهو ئي سبب آهي جو پاڻ سڳورن ﷺ جن اهڙي شرابيءَ تي لعنت وجهڻ کان منع فرمائي آهي، جيڪو ان کي ڏوهه ته سمجهندو هجي پر ان جي هير (عادت) سندس ارادي جي سگهه کي ڪمزور ڪري ڇڏيو هجي. ڇو ته ان قسم جي شرابيءَ جي نوعيت انهيءَ ماڻهوءَ يا معاشري جهڙي بلڪل نه ٿي ٿي سگهي جيڪو الله جي حڪم کي ڪا به اهميت نه ڏيندو هجي ۽ شراب کي جائز سمجهندو هجي، ان جو واپار به وڏي واڪ ڪندو هجي ۽ سڀ کان وڏي ڳالهه ته پنهنجي انهيءَ ڪرتوت کي ڪو ڏوهه به نه سمجهندو هجي.

رسول الله ﷺ جن هڪ اهڙي امت پيدا ڪئي، جنهن پنهنجو پاڻ کي پوري طرح الله تعاليٰ جي حوالي ڪري ڇڏيو هو. پرهه ڦٽيءَ کان وٺي سومهڻيءَ تائين وڏي ڌيان سان پنهنجي پالڻهار جي مرضيءَ موجب پنهنجو عبادتون ۽ زندگيءَ جا ٻيئي ڪم ڪاريون ڪندا رهندا هئا.

قُلْ إِنَّ صَلَاتِي وَنُسُكِي وَمَحْيَايَ وَمَمَاتِي لِلَّهِ رَبِّ الْعَالَمِينَ ﴿١٦٢﴾ (الأنعام)

”چئو، منهنجي نماز، منهنجي ٻانهپ جون سڀئي ريتون رسمون، منهنجو جيئڻ، منهنجو مرڻ، منهنجو سڀ ڪجهه جهانن جي پالڻهار جي لاءِ آهي جنهن سان ڪو به ڀاڱي ڀائيوار نه آهي ۽ مون کي حڪم ڏنو ويو آهي ته سڀ کان پهريان مان پاڻ سندس فرمانبرداري ۾ ڪنڌ جهڪائڻ وارن مان ٿيان.

اهڙيءَ طرح انهيءَ جماعت رسول الله ﷺ جن جي حڪمن ۽ هدايتن کي پنهنجي جان کان به وڌيڪ پيارو سمجهيو هو.

فَلَا وَرَبِّكَ لَا يُؤْمِنُونَ حَتَّىٰ يُحَكِّمُوكَ فِيمَا شَجَرَ بَيْنَهُمْ ثُمَّ لَا يَجِدُوا فِي أَنفُسِهِمْ حَرَجًا مِّمَّا قَضَيْتَ وَيُسَلِّمُوا تَسْلِيمًا ﴿٦٥﴾ (النساء)

”(اي محمد! ﷺ) تنهنجي رب جو قسم، اهي ماڻهو تيستائين مؤمن نٿا ٿي سگن جيستائين پاڻ ۾ ٿيل جهيڙن جهڳڙن ۾ تو کان فيصلو نه ڪرائن. پوءِ وري جڏهن تون ڪو فيصلو ڪري ڏئين ته انهيءَ بنسبت سندن دل ۾ تنگي محسوس نه ڪن، پر تنهنجي فيصلي کي دل و جان سان مڃي وٺن.

پنهنجي پالڻهار جي اڳيان سندس فرمانبرداري ۾ ڪنڌ جهڪائي ڇڏڻ ۾ ڀلائي آهي ته عزت آبرو ۽ مان مرتبو به انهيءَ ۾ ئي آهي ۽ انهيءَ جو ئي نالو اسلام آهي.

********

**مولانا عبيدالله سنڌي ۽ سندس ڪجهه همعصر**

**ليکڪ ابوسلمان شاهجهان پوري / سنڌيڪار: حافظ ابوالاديب سنڌي**

**برصغير ۾ روشن فڪري ۽ رجعت پسندي جي ٽڪراءَ جي پسمنظر ۾ اهم انڪشافن کي ظاهر ڪندڙ ڪتاب. مُلهه: 150.00 روپيا. صفحا: 224**

**ڇپائيندڙ: سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي فون: 021_32737290**



مولانا عبداللطيف نانگراج

# توحيد جو پيغام

دنيا ۾ هدايت جو نظام ايمان بالغيب (البقره 3) جي اصول تي قائم آهي. يعني الله پنهنجي حڪمت سان حقيقتن کي پردن جي هيٺان رکيو آهي. پر گڏوگڏ انسان کي عقل ۽ فهم جو بي بها خزانو عطا ڪيو آهي ته جيئن اهو پنهنجي فڪري قوتن کي متحرڪ ڪري مصنوعي پردن کي هٽائي حقيقت تائين رسائي حاصل ڪري. اڄ جي زبان ۾ ان کي اڪتشافي يا استخراجي طريقو (Discovery Method) چيو وڃي ٿو.

تنهن ڪري قرآن ۾ مؤمن جي هڪ صفت توسم (الحجر75) بيان ڪئي وئي آهي. توسم جو مطلب آهي الاستدلال بالعلاقات (القرطبي) يعني ظاهري علامتن ۽ ٻول ڏسڻ سان باطني حقيقتن تائين رسائي حاصل ڪرڻ. جيڪو مؤمن اهو ملڪو حاصل ڪري وڃي ته ان کي حڪيم چيو ويندو آهي.

دنيا ۾ ٻن قسمن جا ماڻهو هوندا آهن. هڪڙا اهي جيڪي ظاهري رنگينين ۾ محو هوندا آهن ۽ ان جي پٺيان پيا ڊوڙيندا وتندا آهن اهي صرف مٿاڇري نظر سان شين کي ڏسندا آهن. معاملن ۾ گهرائي ۾ نه پوندا آهن. صرف ظاهر پرستيءَ تي پاڻ کي پيا سڀ ڪجهه سمجهندا آهن. اهڙا ماڻهو معاشري ۾ ڪو مثبت ۽ تعميري ڪم نه ڪري سگهندا بلڪ معاشري کي تباهي ۽ بربادي ڏانهن هڪليندا آهن.

ٻيا ماڻهو پاڻيءَ ۾ اندر گهڙي ڪري اتي وڃي حقيقت جي موتين کي لهندا آهن. اهي شين جو عميق طريقي سان تجزيو ڪندا آهن. ظاهري رسمن جي اندران حقيقي روح کي نروار ڪندا آهن. اختلافن ۾ قدر مشترڪ تلاش ڪري اتحاد جي فضا قائم ڪندا آهن. وقت گذرڻ سان حقيقي صاف ۽ شفاف پروگرام تي جيڪي خرافات جا پڙدا پئجي ويندا آهن انهن کي کوليندا آهن. حقيقي معنائن جي جاءِ تي ذاتي اغراضن ۽ نفساني خواهشن جي ڪري جيڪي مصنوعي معنائون ورتيون وينديون آهن انهن اصطلاحن کي پنهنجي پهرئين شڪل ۾ قائم ڪندا آهن. ڇو ته اهي ماڻهو الله جي نور سان ڏسندا آهن جيئن حديث ۾ اهي: اتقوا فراست المؤمن فانه ينظر بنورالله- ”مؤمن جي ذڪاوت ۽ فهم کان ڊڄو ڇو ته اهو الله جي نور سان شين کي ڏسندو آهي.“

برصغير ۾ حضرت امام شاهه ولي الله کي الله تعاليٰ سوچ، فڪر ۽ حڪمت جو اهو مقام عطا ڪيو جو هن عصري ضرورتن جي مطابق مسلمانن کي خيرامة جي منصب جي ادائگيءَ ۽ انساني قافلي لاءِ رهنما بڻجڻ جون وٿون نروار ڪيون. سندس فڪر تي برصغير ۾ هڪ مستقل جماعت وجود ۾ آئي. جنهن ان لاٽ کي هميشه روشن رکيو. حضرت محمد قاسم نانوتوي رحه،

حضرت شيخ الهند مولانا عبيدالله سنڌي ۽ مولانا ابوالڪلام آزاد ان جماعت جا عظيم فڪري ۽ انقلابي رهنما ٿي اڀريا. انهن برصغير ۾ نه صرف قرآن حڪيم جي فڪر ۽ دعوت جي پيغام کي جاري رکيو پر ان فڪر تي انقلاب برپا ڪرڻ جون ڪوششون به ڪيون. سنڌ ۾ به ان جمايت جا ڪيئي افراد جڙيا. موجوده دور ۾ ان جماعت جي افراد ڪراچيءَ ۾ حڪمت قرآن انسٽيٽيوٽ قائم ڪري قرآن حڪيم جي فڪر ۽ دعوت کي تعليمي ميدان ۾ اڳتي وڌائڻ جون ڪوششون شروع ڪيون آهن.

اڄ جڏهن ته دنيا ۾ مايوسي ۽ انتشار جي فضا ڇانيل آهي. سرمائيداري نظام ماڻهن جو رت پيئي ڪري انهن کي کوکلو ڪري ڇڏيو آهي. ۽ وري اڪثر رهبر اهڙي حالت کي خدا جي مشيت ۽ رضا جو نالو ڏئي ماڻهن جي بي چيني ۾ وڌيڪ اضافو ڪري رهيا آهن. ڪيترا وري جڙتو ڳالهين کي اصول دين ۾ شمار ڪري ٽولا ٽولا ناهي ڇڏيا اٿن. جنهن سان معاشري ۾ ظلم ۽ ناانصافين کي هٿي ملي رهي آهي ۽ هڪڙا ماڻهو ڀرپور عيش جي زندگي گذاري رهيا آهن ۽ ٻين ماڻهن کي کائڻ لاءِ ٽن ويلن جي ماني به سڪون سان نصيب ڪونهي. هڪ طرف جهڳڙن ۽ فسادن جي ڀرمار آهي ته ٻئي طرف اخلاقي زوالپٽي درندگيءَ جون حدون لتاڙي ڇڏيون آهن.

اهڙي بي چيني ۽ انتشار جي صورت ۾ حڪمت قرآن جو تعليمي سلسلو ۽ ان اداري پاران جاري ٿيل رسالو توحيد حق جي لاٽ آهي. جيڪو اوهان جي شخصيت کي نبوي طريقي تي تعمير ڪري ٿو. مايوسي ۽ نااميدي کان بچائيندي اوهان ۾ حق جو روح ڦوڪي ٿو. مسائل ۾ مواقع ڳولي ڪري اوهان لاءِ عملي رستن کي کولي ٿو ۽ مصنوعي اختلافن کي ختم ڪري توهان کي توحيد جي بنيادتي متحد ڪرڻ جو عزم رکي ٿو. درحقيقت هي رسالو توهان جي فڪر ۾ تبديلي ۽ توهان جي عمل ۾ تحرڪ ۽ ولولو پيدا ڪندڙ هڪ انقلابي قدم آهي. ۽ هن ٻوساٽيل سماج ۾ حياتي ۽ اطمينان جي هڪ آسيس ۽ اميد آهي هي توهان کي الله جي رحمت کان نااميد نٿو ڪري بلڪ الله جي رحمت ڏانهن اوهان کي وٺي هلي ٿو. جيئن حضرت علي رضہ جو قول آهي ته، "ان الفقيہ حق الفقيہ من لم يقنط الناس من رحمت الله" (تفسير قرطبي) يعني: حقيقي عالم اهو آهي جيڪو ماڻهن کي الله جي رحمت کان مايوس نه ڪري. ۽ هي رسالو يقيناً اهڙي فقه جي ترجماني ڪري ٿو.

**حڪمت قرآن انسٽيٽيوٽ جو نئون ڪتاب**

**تفسير الفرقان في معارف القرآن** (اردو)

**مولانا خواجہ عبدالحي فاروقي شاگرد رشيد امام انقلاب مولانا عبيدالله سنڌي**
**قرآن جي اخلاقي، سياسي، سماجي ۽ اقتصادي پروگرام کي نرواڙ ڪندڙ تفسير**
**جنهن ۾ حڪمت، فلسفي ۽ ديني اسرارن جا سوين سينگار سمايل آهن.**
**صفحا: 1000، هديو 600.00 روپيا**

**ملڻ جا هنڌ**

سنڌيڪا بوڪ شاپ، 19 بلديہ پلازه گهنٽا گهر چوڪ سکر فون: 5628368-071،
سنڌيڪا بوڪ شاپ، جتوئي منزل حيدر چوڪ حيدرآباد فون: 03013594679 —
العماد بوڪ سيلرز، اردو بازار، ڪراچي فون: 0212214521 ، 3431115-0300



عبدالسلام قل/قل شهر

## پيغمبر اسلام ﷺ جو انسانيت لاءِ پيغام

9 ذوالحج سنہ 10 هجري تي حضور ﷺ جن هڪ اهڙو تاريخي خطبو ارشاد فرمايو، جيڪو قيامت تائين ايندڙ انسانيت جي لاءِ هدايت جو روشن منارو آهي. ان کي خطبہ حجة الوداع چوندا آهن. ان کي پڙهڻ سان مرده دلين ۾ هدايت جو روح ٻيهر زنده ٿي پوندو آهي. هن خطبي ۾ پاڻ ﷺ جن فرمايو:

"اي انسانو! منهنجي ڳالهه غور سان ٻڌو، خبر ناهي ته آئينده اسان وري ٻيهر هن جاءِ تي توهان سان ملئون الائي نه. اي انسانو! توهان جون جانيون، توهان جا مال ۽ توهان جون عزتون، يقينا توهان ۾ هڪ ٻئي لاءِ اهڙيءَ طرح عزت جي لائق آهن جهڙيءَ طرح توهان اڄوڪي ڏينهن، هن شهر ۽ هن مهيني جو احترام ڪندا آهيو. توهان کي جلد ئي الله جي سامهون حاضر ٿيڻو آهي ۽ هو توهان کان توهان جي عملن جي باري ۾ پڇا ڪندو. اي انسانو! عورتن جا توهان تي اهڙيءَ طرح حق آهن، جهڙي طرح توهان جا عورتن تي حق آهن. انهن سان مهرباني ۽ محبت سان پيش اچو، چو ته الله تعاليٰ جي نالي جي ذميداريءَ سان توهان انهن کي زال بڻايو آهي ۽ الله جي ڪلام سان توهان لاءِ انهن جو جسم حلال ڪيو ويو آهي. پنهنجن امانتن ۾ ديانتدار رهو. گناهہ کان بچندا رهو. وياج حرام آهي. اڄ کان پوءِ قرضي صرف مُور ادا ڪندو. سڀ کان پهريائين مان پاڻ پنهنجي خاندان مان عباسؓ بن عبدالمطلب جو وياج معاف ڪريان ٿو. جاهليت جي زماني جا سمورا جهيڙا جهڳڙا ختم ڪيا وڃن ٿا ۽ سڀ کان پهريون مان پاڻ ربيع بن حارث بن عبدالمطلب جو خون معاف ڪريان ٿو. پنهنجي غلامن جو خيال رکو: انهن کي اهو ئي کارايو جيڪو توهان پاڻ کائو ٿا، اهو ئي پهرايو جيڪو توهان پاڻ پهريو ٿا، جيڪڏهن انهن کان ڪوئي اهڙو قصور ٿي وڃي، جيڪو توهان معاف ڪري نه سگهو، ته کين جدا ڪريو، چو ته اهي الله جا ٻانها آهن ۽ ظلم لاءِ پيدا نه ڪيا ويا آهن. انسانو! منهنجي ڳالهه ڌيان سان ٻڌو. ڄاڻي وٺو ته سڀ مسلمان هڪ ٻئي جا ڀائر آهن. جيڪا شيءِ هڪ ڀاءُ جي ملڪيت آهي ٻيو ان کي هڙپ نٿو ڪري سگهي جيستائين هو پاڻ خوشيءَ سان ان کي نه ڏئي. پنهنجو پاڻ کي نا انصافيءَ کان بچايو. اڄ جيڪي ماڻهو هتي موجود آهن، اهي منهنجون هي ڳالهيون، تيرپتير انهن کي پهچائين جيڪي هتي موجود نه آهن. ممڪن آهي ته اُهي ماڻهو منهنجي هنن ڳالهين کي انهن ماڻهن کان وڌيڪ ياد رکڻ وارا هجن جن هتي پنهنجن ڪنن سان مونکي ٻڌو آهي. ان کان پوءِ حضور ﷺ جن حاضر جماعت کان پڇيو ته ڇا مون توهان تائين الله جو پيغام پهچائي ڇڏيو؟ هر شخص جواب ڏنو ته هائو، توهان خدا جو پيغام نه صرف پهچايو پر پهچائڻ جو حق ادا ڪيو آهي. پاڻ ٽي دفعا اهو ئي سوال ڪيائون ۽ ان جي جواب ۾ سيني هائوڪار ۾ ساڳيو جواب ڏنو. تنهن کان پوءِ پاڻ آسمان ڏانهن منهن ڪري فرمايائون ته: "اي الله! شاهد رهجانءِ ته مون تنهنجو پيغام تنهنجي ٻانهن تائين پهچائي ڇڏيو ۽ پنهنجو ڪم پورو ڪري ڇڏيو."

نور احمد ميمڻ

# قرآني مشن جي تڪميل

قرآن مطابق زندگي گذارڻ واري مقصد جو هڪ ضروري ۽ اهم حصو هيءُ آهي ته آسپاس جي ماڻهن تائين اُن جو پيغام پهچايو. الله جي رسول ﷺ تي جيئن ئي پهرين وحي نازل ٿي ته پاڻ سڳورن ﷺ ان کي ٻين ماڻهن تائين پهچائڻ جي ذميداري محسوس ڪري ورتي. ٻي وحي ”قُم فانذر“ جو حڪم ڪنيو آئي. ٻيو ته ڪيترن ئي هنڌن تي رسول ﷺ جن تي اهو واضح ڪيو ويو ته قرآن کي پهچائڻ، ان کي ٻڌائڻ ۽ ان جي تشريح ڪرڻ توهان جو اولين فرض ۽ توهان جي زندگيءَ جو مشن آهي. (الانعام: 19، الفرقان: 1، الانعام: 105، المائده 67، الاعراف: 157)

پاڻ سڳورن ﷺ جي پيروڪار ۽ الله جي ڪتاب جي حامل هئڻ جي حيثيت سان ساڳيو ئي مشن هاڻ اسانجي ذميداري آهي. اسان وٽ قرآن جي موجودگيءَ جي تقاضا آهي ته اسين ان کي پهرين پاڻ سمجهون ۽ پوءِ ٻين تائين پهچايون. قرآن ٻُڌڻ جو مطلب هيءُ آهي ته اهو ٻين کي به ٻڌايون. اهو اسانکي سڄي انسانيت تي پڙرو ڪرڻ گهرجي. ٻڌائڻ گهرجي ۽ لڪائي رکڻ نه کپي.

”اهل ڪتاب کي اهو وعدو به ياد ڏياريو جيڪو الله ڪانئن ورتو هو ته توهانکي ڪتاب جي تعليمات ماڻهن تائين پهچائڻي پونديون. اها ڳجهي نه رکندؤ. پر هُنن ڪتاب کي ڇڏي ڏنو ۽ معمولي قيمت تي ان کي وڪڻي ڇڏيو آهي، ڪيڏو ڪڌو ڪاروبار آهي جيڪو ڪري رهيا آهن.“ (آل عمران: 187)

جيڪڏهن توهان جي دل ۽ هٿن ۾ ڪا ڏياٽي آهي ته ان جي روشني ڦهلجڻ گهرجي. جيڪڏهن توهانجي اندر ۾ ڪو پنيٺ پڙڪي رهيو آهي ته ان جو سوجهرو ٻاهر نڪري ٻين تائين پهچڻ گهرجي... جيڪي ماڻهو عارضي دنياوي مقصدن ۽ فوري فائدن کي ترجيح ڏيندي ائين نٿا ڪن، اهي حقيقت ۾ پنهنجو پيٽ باهه سان ڀري رهيا آهن.

”سچ اهو آهي ته جيڪي ماڻهو الله تعاليٰ جي نازل ڪيل حڪمن کي معمولي فائدن تي قربان ڪن ٿا اهي هڪ وڏي تباهيءَ جو پاڻ پنهنجي هٿن سان انتظام ڪري رهيا آهن. قيامت جي ڏينهن الله تعاليٰ ساڻن ڪونه ڳالهائيندو، نه وري ڪين پاڪ ڪندو. اهي الله جي لعنت جا حقدار هوندا. (البقره - 174)

” جيڪي ماڻهو اسانجي نازل ڪيل تعليمات کي لڪائين ٿا، ان جي باوجود ته اسان سڀني انسانن جي رهنمائيءَ جي لاءِ اهي پنهنجي ڪتاب ۾ بيان ڪري چڪا آهيون، پڪ ڄاڻو ته الله پڻ مٿن لعنت وجهي ٿو ۽ سمورا لعنت وجهڻ وارا به مٿن لعنت وجهن ٿا.“ (البقره: 159)

”البته جيڪي اها روش ڇڏي ڏين ۽ پنهنجي طرز عمل ۾ سڌارو آڻين ۽ جيڪو ڪجهه لڪائيندا هئا، ان کي پڌري پٽ بيان ڪن ته ڪين معاف ڪري ڇڏيندس.“ (البقره - 160)

” پر جيڪڏهن اهي اُن ئي حالت ۾ مري ويا ته مٿن سڀ جو سڀ لعنت وجهندا. جن ماڻهن ڪفر جو رويو اختيار ڪيو ۽ ڪفر جي حالت ۾ ئي مري ويا ته انهن تي الله، فرشتن ۽ سمورن انسانن جي لعنت هجي.“ (البقره: 161)



”باقي رهيا اهي ماڻهو جيڪي الله جي عهد ۽ پنهنجن قسمن کي معمولي قيمت تي وڪڻيو ڇڏين ته انهن جو آخرت ۾ ڪوبه حصو ڪونهي. الله قيامت جي ڏينهن ساڻن ڪونه ڳالهائيندو، نه انهن ڏانهن ڏسندو، نه ڪين پاڪ ڪندو.“ (آل عمران: 77)

هاڻي پنهنجو پاڻ کي ڏسو، اڄوڪن مسلمانن کي ڏسو! هِن حقيقت جي باوجود ته ڏينهن رات لکين ماڻهو قرآن جي تلاوت ڪن ٿا پر ان سان ڪوبه فرق ڪونه ٿو پوي. ماڻهن جا حال اهي ئي ساڳيا! صورتحال ۾ ڪو فرق ڇو نٿو اچي؟ ان ڪري جو، يا ته اسين اِن کي پڙهون ٿا پر سمجهون نٿا. جيڪڏهن سمجهون به ٿا ته اِن کي تسليم نٿا ڪريون. جيڪڏهن زبان سان مڃون ٿا ته پوءِ ان تي عمل نٿا ڪريون يا جيڪڏهن عمل ڪريون ٿا ته صرف اُن جي ڪجهه حصي تي عمل ڪريون ٿا ۽ ٻئي حصي کي وري رد ڪريون ٿا. يا جڏهن اسين ان کي پڙهڻ يا ان جي ڪنهن حصي تي عمل ڪرڻ ۾ مصروف هوندا آهيون ته ساڳئي وقت اسين ان کي لڪائڻ ۽ اُن جي روشني ٻي دنيا تائين نه پهچائڻ جو بدترين ڏوهه ڪري رهيا هوندا آهيون:

”منجهائن ڪي اڻ پڙهيل آهن جيڪي الله جي ڪتاب کي صرف پنهنجين خواهشن جو مجموعو سمجهن ٿا ۽ فقط پنهنجي وهم و گمان تي هلندا پيا وڃن. پوءِ هلاڪت ۽ تباهي آهي انهن ماڻهن جي لاءِ جيڪي هٿ نوڪي شريعت ٺاهين ٿا. پوءِ ماڻهن کي چون ٿا ته اها الله وٽان آئي آهي ته جيئن ان جي ذريعي معمولي قيمت حاصل ڪري سگهن. (البقره: 78: 79)

”پوءِ ڇا اوهان ڪتاب جي هڪ حصي تي ايمان آڻيو ٿا ۽ ٻئي حصي کان انڪار ڪريو ٿا؟ پوءِ اوهان مان جيڪي ماڻهو ائين ڪن انهن جي سزا اِن ڪانسواءِ ڇا آهي ته دنيا جي زندگيءَ ۾ ذليل ۽ خوار ٿيندا رهن ۽ آخرت ۾ پڻ شديد عذاب ڏانهن سڏيا وڃن.“ (البقره: 85)

اسانجي ذهنن ۾ تر جيترو به شڪ نه هئڻ گهرجي ته جيستائين اسين قرآن جا گواه هئڻ جي سڀ کان اهم ذميداري ادا نٿا ڪريون جيڪا اُن جو حامل هجڻ ۽ ان کي پڙهڻ جي ڪري اسان تي عائد ٿئي ٿي، تيستائين اسين قرآن جو حق هرگز ادا نٿا ڪري سگهون. بي عزتيون، ذلتون، ڌڪا ٿاٻا ۽ جيڪا اٿوند اسانجي حصي ۾ آئي آهي اها صرف قرآن ۽ ان جي سونپيل مشن ڏانهن اسانجي روين جي ڪري آئي آهي.

الله تعاليٰ قرآن سان ڪن قومن کي زوال ته ڪن کي وري عروج عطا ڪندو آهي. ”ڪاش اهي تورات، انجيل ۽ ٻين ڪتابن تي (سچائيءَ سان) قائم هجن ها جيڪي سندن رب جي طرفان ڏانهن اماڻيا ويا هئا ته ضرور انهن لاءِ مٿان رزق وسي ها ۽ هيٺان (زمين مان) نعمتون ملن ها.“ (المائده: 66)

اسين قرآن جي باري ۾ ڪيترو به اعليٰ علمي معيار حاصل ڪري وٺون، ان جي مڪمل ۽ حقيقي معنيٰ سمجهڻ ۽ دريافت ڪرڻ ۾ اوستائين ڪامياب نٿا ٿي سگهون جيستائين اسين قرآن جي عملي اطاعت نٿا ڪريون.

رسول الله ﷺ جن پنهنجي صحابه ڪرام کي فرمايو: ”توهان ۾ اهڙا ماڻهو به هوندا جڏهن توهان پنهنجين نمازن جي سندن نمازن سان، پنهنجن روزن جي سندن روزن سان، پنهنجن نيڪ عملن جي سندن نيڪ عملن سان ڀيٽ ڪندؤ ته اوهان کي پنهنجا اعمال صفا اُڇاترا محسوس ٿيندا. اهي قرآن پڙهندا هوندا پر اهو سندن نڙيءَ کان هيٺ نه لهندو.“ (بخاري)

# مولانا عبيدالله سنڌي جو امروٽ ۾ قيام ۽ علمي فڪري سرگرميون

حضرت مولانا عبيدالله سنڌي رحہ جن سنڌ ۾ اچي حضرت مولانا حافظ محمد صديق پرچونڊي رحہ جن جي هٿ تي اسلام قبول ڪيو ۽ ان جي هدايتن تي مختلف مقامي علماءَ ڪرام کان علم حاصل ڪرڻ کان پوءِ پاڻ اسلامي علمن جي اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ دارالعلوم ديوبند ويا. اتي مولانا سنڌي رحہ شيخ الهند حضرت مولانا محمودالحسن جي اڳيان علم حاصل ڪرڻ جو شرف حاصل ڪيو. ان کانپوءِ پنهنجي همعصرن ۾ هڪ ممتاز حيثيت حاصل ڪري ورتائون.

علم جي هن تحصيل کان پوءِ مولانا سنڌي رحہ پنهنجي وطن واپس وريا تہ سڌو پرچونڊيءَ ۾ آيا. سندن پهچڻ کان ڏهہ ڏينهن اڳ حضرت حافظ محمد صديق پرچونڊي رحہ جن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري چڪا هئا. پاڻ ٿورڙو وقت اتي ترسي سڌو امروٽ آيا. جتي پنهنجي مرشد ۽ مربي حضرت پرچونڊيءَ وارن جا خليفا قطب الاقطاب سيدنا تاج محمود امروٽي رحہ جن پنهنجي روحاني فيض کان عام ۽ خاص کي فيضياب فرمائي رهيا هئا.

حضرت مولانا عبيدالله سنڌي رحہ جي مولانا تاج محمود امروٽي رحہ سان پهريائين پرچونڊيءَ ۾ ئي قيام دوران ملاقات ٿي چڪي هئي. تنهن ڪري امروٽ ۾ رهڻ مولانا سنڌي رحہ جن لاءِ ڪا نئين ڳالهہ ڪانہ هئي. ايتري قدر جو پنهنجي مرشد ۽ مربي حافظ محمد صديق پرچونڊي رحہ جي وفات کان پوءِ پاڻ سيدنا تاج محمود امروٽي رحہ کي پنهنجو روحاني پيشوا تسليم ڪيائون ۽ هميشہ لاءِ امروٽ ۾ رهڻ جو پڪو پهہ ڪيائون.

حضرت مولانا عبيدالله سنڌي رحہ پنهنجي شخصي ڊائريءَ ۾ لکن ٿا تہ: ”شوال سن 1308هجريءَ ۾ سيدالعارفين حضرت حافظ محمد صديق رحہ جن جي ٻئي خليفي حضرت سيدنا ابوالحسن تاج محمود امروٽي جن وٽ شهر امروٽ ضلعي سکر ويس. ايئن ڪرڻ سان مان پنهنجي مرشد جو وعدو پورو ڪيو. حضرت سيدنا امروٽي رحہ جن مون سان هڪ پيءُ وانگر هلندا هئا. سائيجن منهنجو نڪاح اسلاميہ اسڪول سکر جي هڪ معلم مولوي محمد عظيم خان يوسف زئي جي ڌيءَ سان ڪرايو. منهنجي ماءُ کي بہ هت گهرايو ويو جيڪا آخر گهڙين تائين مون سان گڏ رهي. منهنجي مطالعي لاءِ حضرت امروٽي رحہ جن هڪ وڏو ڪتب خانو منهنجي حوالي ڪيو ۽ مان سندن نگراني هيٺ نهايت سڪون سان مطالع ڪرڻ ۾ مصروف رهيس.“

مولانا سنڌي رحہ جن جي مٿيئن لکتن مان هيٺيون ڳالهيون واضح طور ظاهر ٿين ٿيون تہ:

مولانا سنڌي رحہ جن يڪدم ديوبند کان واپس موٽڻ بعد سڌاسنوان امروٽ ۾ آيا ۽ امروٽ کي پنهنجو مستقل ڳوٺ بنايائون. سيدنا تاج محمود امروٽي رحہ جن سندن رهائش لاءِ هر ممڪن سهوليت ڏيڻ ۾ پدرانہ شفقت کان ڪم ورتو. سيدنا امروٽي رحہ جن سندن شادي ڪرائي ۽ وڌيڪ اطمينان قلب لاءِ سندن والده ماجده کي گهرائي گڏ رهايو ويو. حضرت سيدنا



امروٽي رحہ جن ڪيس مطالعي لاءِ وڏو ڪتب خانو حوالي ڪيو. اهوئي سبب هو جو مولانا سنڌي رحہ جن امروٽ کي مستقل رهائش گاهہ قرار ڏنو ۽ پنهنجي عملي ۽ سياسي جدوجهد جو آغاز ڪيو. ان وقت سنڌ صوبو هر لحاظ کان پوئتي پيل هو. علمي لحاظ کان ساري سنڌ صوبي ۾ ڪوبہ مرڪزي ديني درسگاهہ ڪونہ هو. ڪٿي ڪٿي ڪي ننڍا مدرسا هئا جن جو پاڻ ۾ ڪوبہ تعلق ڪونہ هو. رڳو انهن مدرسن جو واسطو پاڻ تائين محدود هو. پراڻي طرز جا مدرسا هئا جن ۾ سالن جو پراڻو نصاب پڙهايو ويندو هو صوبي سنڌ جي مدرسن وارن عالمن لاءِ ڪنهن بہ قسم جي ذهني سجاڳي پيدا ڪرڻ تمام مشڪل هئي.

سياسي لحاظ کان سنڌ انگريزن هٿ وٺي سنڌ کي پوئتي ڌڪي ڇڏيو آهي. سنڌ پنهنجي مخصوص جاگرافيءَ ۽ ٻوليءَ جي لحاظ کان برطانوي هندستان جي ٻين صوبن کان الڳ هئي. علمي ۽ ادبي لحاظ کان بہ سنڌ بلڪل سڄي هند کان ڪٽيل هئي. پريس ۽ نشر و اشاعت جا سڀ وسيلا هندن جي حوالي هئا. ايتري قدر جو مسلمانن جا ديني ڪتاب هندن جي پريسن ۾ ڇپبا هئا ۽ قرآن حڪيم بہ هندن جي زيرنگراني هندن جي پريسن ۾ ڇپبو هو.

انهن حالتن کي ڏسي مولانا سنڌي رحہ جن امروٽ ۾ حضرت سيدنا امروٽي رحہ جن جي مدد ۽ سرپرستيءَ ۾ پروگرام جو آغاز ڪيو سندن پروگرام جا ٽي وڏا مرحلا هي هئا:

(1) امروٽ ۾ هڪ عظيم ديني درسگاهہ قائم ڪيو وڃي. جيڪو پراڻي طريقن کي ڇڏي جديد طريقن تي تعليم ڏي. هن عظيم ديني درس گاهہ ۾ اهو نصاب مقرر ڪيو وڃي جنهن ۾ شاهہ ولي الله جي تصانيف کي اولين اهميت ڏني وڃي. تہ جيئن پهريائين سنڌ ۾ پوءِ ساري هندوستان ۾ اسلام جو فڪري ۽ عملي انقلاب اچي سگهجي.

(2) مسلمانن ۾ ديني، سياسي ۽ علمي انقلاب لاءِ هڪ ”اسلامي اشاعت جو مرڪز“ کوليو وڃي جنهن ۾ پريس جو بندوبست هجي جنهن جي وسيلي مسلمانن ۾ علمي ۽ سياسي شعور وڌائڻ لاءِ مختلف مضمونن تي ڪتاب شايع ڪرايا وڃن.

(3) مرڪز اشاعت کان سنڌي زبان ۾ ماهوار رسالو شايع ڪيو وڃي.

انهيءَ رٿا تي مولانا سنڌي امروٽ ۾ پنهنجو ڪم شروع ڪيو سڀ کان پهريان ديني مدرسو قائم ٿيو. جنهن ۾ خاص خاصيت اها هئي تہ هي مدرسو دارالعلوم ديوبند جي طريقي تي جاري ڪيو ويو. هن جو روحاني تعلق دارالعلوم ديوبند سان لاڳو رکيو ويو. اهو پهريون پيرو هو جو سنڌ کي ديوبند سان روحاني، علمي ۽ تحريڪي لاڳاپو پيدا ٿيو. هن درسگاهہ جي نصاب ۾ حديث ۽ تفسير کان علاوه شاهہ ولي الله جي تصانيف کي بہ شامل ڪيو ويو. اهڙي طرح سنڌ جي ديني شاگردن کي پهريون پيرو اسلامي علمن جي اعليٰ تعليم کان بهره ور ٿيڻ جو موقعو مليو.

هن مدرسي ۾ فڪري اپار تي سڀ کان زياده زور ڏنو ويو. طالبن ۾ تحريڪ آزادي ۽ دين کي زنده رکڻ جو روح ڦوڪيو ويندو هو. مدرسي جي ڪتب خاني ۾ مصر، استنبول ۽ هندوستان جا مشهور ڪتاب رکيا ويا. اهڙي طرح سنڌ جي طالبن کي پهريون پيرو هڪ جيد عالم جي زيرنگرانيءَ ۾ وڌيڪ مطالعي جو موقعو مليو.

هن مدرسي ۾ اٽڪل ستن سالن تائين جيستائين مولانا سنڌي رحہ امروٽ ۾ رهيا

تيستائين اهڙي نموني ڪم هلندو رهيو. اندروني توڙي ٻاهرين سنڌ جي ڪيترن عالمن هن مدرسي کان فيض حاصل ڪيو ۽ هن مدرسي کان وطن جي تحريڪ آزادي ۽ دين کي زنده رهڻ لاءِ جدوجهد جي شروعات ٿي. مدرسي جي طالبن مان الحاج حضرت مولانا عبدالعزيز رحہ، مولانا احمد علي لاهوري رحہ جن جا نالا قابل ذڪر آهن. حضرت مولانا سنڌي رحہ مسلمانن ۾ ديني سجاڳي پيدا ڪرڻ لاءِ اهو ضروري سمجهيو تہ سنڌ ۾ هڪ دارالاشاعت جو هجڻ ضروري آهي، ان لاءِ امروٽ ۾ هڪ پريس لڳائي ديني ڪتابن ڇپجڻ جي تجويز سندن ذهن ۾ آئي ان سلسلي ۾ مولانا سنڌي رحہ حضرت سيدنا امروٽي رحہ جن کان مدد طلب ڪئي پر ان وقت سيدنا امروٽي رحہ جن جي مالي حالت ڪمزور هئي، تنهن ڪري هن عظيم ڪم ڪرڻ لاءِ يڪدم تيار نہ ٿيا. آخرڪار مولانا سنڌي رحہ جن ذاتي طور ڪوشش وٺي هڪ ننڍي مشين خريد ڪئي ۽ سنڌ جي هن ننڍڙي ڳوٺ امروٽ ۾ اشاعت جو ڪم شروع ڪيو ويو. ٿوري ئي عرصي ۾ هن دارالاشاعت مان هڪ ماهوار رسالو ”هدايت الاخوان“ جي نالي سان جاري ڪيو ويو، جيڪو ڪافي عرصي تائين شايع ٿيندو رهيو. ان کان سواءِ سنڌيءَ زبان ۾ ٻيا بہ ڪيترائي ڪتاب ڇپيا. انهن مان حضرت سيدنا امروٽي رحہ جو قرآن مجيد جو سنڌي ترجمو: ”الهام الرحمان في تفسير القرآن“ خاص طور تي قابل ذڪر آهن. هن ديني مدرسي، شاهہ ولي اللہ جي فلسفہ تعليم ۽ محمود المطابع جي قيام ڪري جلد ئي امروٽ سر زمين سنڌ ۾ علمي ۽ سياسي لحاظ کان مرڪزي حيثيت حاصل ڪئي. سنڌ کان علاوه سنڌ کان ٻاهر بہ سندس شهرت وڌي ويئي، حضرت مولانا عبيداللہ سنڌي رحہ جي ذاتي ڳانڍاپي ئي حضرت سيدنا امروٽي رحہ ۽ حضرت شيخ الهند رحہ جن جي پاڻ ۾ واقفيت ڪرائي. ان واقفيت کان پوءِ حضرت شيخ الهند رحہ جن پنهنجي حياتيءَ ۾ ٻہ ڀيرا امروٽ ويا. سندن ٻہ شاگرد حضرت مولانا حسين احمد مدني رحہ ۽ مولانا ٿانوي رحہ جن بہ امروٽ آيا هئا.

امروٽ ۾ ديني مدرسو ۽ محمودالمطابع جو قيام جنهن مان ڇپيل رسالو ۽ ديني ڪتاب اڳتي هلي چڱي نتيجي تي پهتا، حضرت مولانا سنڌي رحہ جن پنهنجي هن جدوجهد ۾ نهايت اطمينان سان مصروف رهيا. ليڪن قدرت کي ڪجهہ ٻيو منظور هو، اهڙيون مشڪلاتون درپيش آيون جو مولانا سنڌي رحہ جو هي نظام ستن سالن جي عرصي کان زياده هلي نہ سگهيو ۽ مولانا سنڌي رحہ امروٽ کي خيرباد ڪرڻ جو ارادو ڪيو سندن امروٽ ڇڏڻ جا هي سبب هئا:

مولانا سنڌي رحہ جن جڏهن امروٽ ۾ پرسڪون زندگي گذاري رهيا هئا تہ سندن زوجہ محترمہ هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويئي ۽ پنهنجي پٺيان ٻہ معصوم نياڻيون ڇڏي ويئي، جن جي پرورش جو مسئلو مولانا سنڌي رحہ جن لاءِ نهايت پريشانيءَ وارو بڻجي پيو ۽ پاڻ هميشہ فڪرات ۾ رهندا هئا.

جڏهن امروٽ ۾ هي مدرسو قائم ٿيو ۽ آهستي آهستي ترقي ڪرڻ لڳو تڏهن ٻئي طرف انگريز سرڪار جي زيرنگراني تعليم جو نئون نظام جاري هو. انگريز ساري ملڪ جي ڪنڊڪڙڇ ۾ پنهنجي نظام تعليم جو چار وڇائي رهيا هئا. جيڪي ٻار هنن ادارن ۾ تعليم وٺندا هئا تن جو مستقبل مادي لحاظ کان تمام چڱو هو، ان جي مقابلي ۾ ديني مدرسن ۾ تعليم وٺندڙ ٻارن کي گهٽ نظرن سان ڏٺو ويندو هو، خود مسلمان بہ ان کي بيسود ۽ معاشري



تي هڪ بار سمجهڻ لڳا. ان کان سواءِ ايئن بہ هو تہ وڏن گهراڻن جا ٻار هنن ادارن ۾ تعليم وٺڻ لڳا تہ ديني مدرسن ۾ اهي ٻار وڃي بچيا جيڪي اڪثر معاشي توڙي جسماني لحاظ کان معذور هئا. مولانا سنڌي رحہ جن جو خيال هو تہ ديني مدرسن جو معيار بہ ايترو بلند ڪيو وڃي جيئن وڏن گهراڻن جا ٻار بہ هنن مدرسن ۾ تعليم وٺڻ تي فخر محسوس ڪن، ان لاءِ ضروري هو تہ هڪ مستقل هاسٽل جو هجڻ جنهن ۾ عمدي خوراڪ ۽ عمدي لباس جو بندوبست ڪيو وڃي. مولانا سنڌي رحہ جو مقصد بہ اهو هو تہ هي مدرسو بہ اهڙي اصول تي ڪم ڪري، ليڪن هن هيتري ساري وڏي ڪم لاءِ جن ذريعن ۽ وسيلن جي ضرورت هئي تن جو پيدا ڪرڻ مشڪل ڳالهہ هئي، ان جو پورائو نہ تہ مولانا سنڌي رحہ جن ڪري ٿي سگهيا نہ وري سيدنا امروٽي رحہ جن ڪري ٿي سگهيا، انهن ڏينهن ۾ پير جهنڊي جو ديني مدرسو ”دارالرشاد“ جنهن کي هڪ وڏي دارالعلوم بنائڻ لاءِ ڪوششون جاري هيون، ان مقصد لاءِ مدرسي جي عمارت کي بہ نئين طرز تي بنايو ويو هو هن ڪم ۾ مولانا رشداللہ صاحب جن بذات خود دلچسپيءَ کان ڪم ورتو. هونئن بہ هي مدرسو علمي لحاظ کان سنڌ ۾ مرڪزي حيثيت تي پهتل هو، هتان جو ڪتبخانو ساري هند-پاڪ ۾ حيدر آباد دڪن کان پوءِ ٻئي نمبر تي هو.

حضرت مولانا رشداللہ صاحب کي ڪنهن اهڙي جيدعالم جي تلاش هئي، جيڪو قديم ۽ جديد علمن ۾ مهارت رکندڙ هجي ۽ ان سان گڏ ڪيس ڪم جي تڙپ ۽ جذبو بہ هجي.

حضرت مولانا سنڌي رحہ جن جون ڪوششون تہ ڪي لڪل ڪين هيون، مولانا سنڌي رحہ جن جي امروٽ مان بي چينيءَ جي خبر بہ مولانا رشداللہ صاحب جن کي هئي، تنهن مولانا سنڌي رحہ کي پير جهنڊي اچي ڪم ڪرڻ جي دعوت ڏني جيڪا مولانا سنڌي رحہ جن قبول ڪئي ۽ امروٽ ڇڏي پير جهنڊي وڃڻ جو پڪوپهہ ڪيائون.

مولانا سنڌي رحہ جن جو امروٽ ڇڏڻ حضرت سيدنا امروٽي رحہ لاءِ نهايت ڏک جهڙي ڳالهہ هئي، پاڻ مولانا سنڌي رحہ کي اتي ترسائڻ لاءِ تمام گهڻي ڪوشش ڪيائون، ليڪن مولانا سنڌي رحہ جن راضي نہ ٿيا. آخر مجبورن حضرت سيدنا امروٽي رحہ جن حضرت مولانا سنڌي رحہ جن کي الوداع ڪيو ۽ پير جهنڊي ڏانهن هليا ويا، پير جهنڊي ۾ قيام دوران بہ حضرت مولانا سنڌي رحہ جن جو علمي ۽ سياسي لاڳاپو سيدنا امروٽي رحہ جن سان رهيو، ڪابل ڏانهن هجرت جا اڪثر انتظام بہ حضرت سيدنا امروٽي رحہ جن ڪرايا هئا. ڪابل ۾ پهچڻ کان پوءِ بہ مولانا سنڌي رحہ جو لاڳاپو سيدنا امروٽي رحہ جن سان لڳاتار رهيو. حضرت سيدنا امروٽي رحہ جن جي پهرئين نظربندي بہ انهن ريشمي رومالن ڪري ٿي هئي، جيڪي مولانا سنڌي رحہ جن ڪابل مان روانا ڪيا هئا. آخر انهن ستن سالن جي تعلق ۽ ڪارڪردگيءَ جو اهو اثر ٿيو تہ جيئن سيدنا امروٽي رحہ جن سنڌ جا هڪ وڏا روحاني ۽ سياسي شخصيت جا مالڪ بڻيل هئا، تيئن امروٽ بہ تحريڪ آزاديءَ لاءِ برصغير جو هڪ مورچو بڻجي پيو ۽ سڄي سنڌ جا ماڻهوپياري وطن جي تحريڪ آزاديءَ ۾ سرگرميءَ سان حصو وٺڻ لڳا ۽ هڪ وقت آيو جو امروٽ ساريءَ سنڌ ۾ هڪ مرڪزي حيثيت حاصل ڪئي، خاص ڪري خلافت تحريڪ ۾ حضرت سيدنا امروٽي رحہ جن جون خدمتون وسارڻ جون نہ آهن.

(”هفتہ روزه ترجمان اسلام“ لاهور مؤرخہ 13 فيبروري سن 1976ع تان ورتل)